جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاهه

جلد 16 | اڱارو 15 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 02 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 334

سنڌ ۾ اٽو سستو ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو وڏو قدم: پهرين آڪٽوبر کان فلور ملن کي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو حڪم

ذخيرو اندوزن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو، هٿرادو کوٽ پيدا ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي: مراد علي شاهه

صوبي ۾ 2 لک 26 هزار ميٽرڪ ٽن کان وڌيڪ ضبط ٿيل ڪڻڪ مان گهڻو حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي هدايت

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن صوبي ۾ ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي صورتحال ۽ ضبط ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي حالت جو جائزو ورتو

جيئن مارڪيٽ ۾ مناسب فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ۽ سجي سنڌ ۾ اٽي جي قيمتن کي هيٺ آڻي سگهجي حڪومت جي پهرين ترجيح صارفين کي سستي اٽي جي فراهمي يقيني بڻائي رليف ڏيڻ آهي: مراد علي شاهه

ڪڻڪ جا اسٽريٽجڪ ذخيرا، وقت تي خريداري، مارڪيٽ ۾ اثرائتي مداخلت ۽ ذخيرو اندوزي خلاف سخت ڪارروائي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ صارفين کي هٿرادو کوٽ ۽ قياس آرائي واري عملن کان بچائڻ ۾ مدد ڪندي

ذخيرو اندوزن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون وڃن، ضبط ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ کي ڪٽڻ ۽ منتقل ڪرڻ واري عمل کي تيز ڪيو وڃي، ۽ رليز پروگرام شروع ٿيڻ کان گهڻو اڳ سمورا خريداري ۽ لاجسٽڪ انتظام مڪمل ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي صورتحال ۽ ضبط ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي حالت جو جائزو ورتو هن خوراڪ کاتي کي پهرين آڪٽوبر کان فلور ملن کي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪرڻ شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن مارڪيٽ ۾ مناسب فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ۽ سجي سنڌ ۾ اٽي جي قيمتن کي هيٺ آڻي سگهجي. وزيراعليٰ هاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

فيول رليف اسڪيم: بائيڪ ۽ رڪشا لاءِ ماهوار 20 ۽ 800 سي سي گاڏين لاءِ 30 ليٽر پيٽرول ڏنو ويندو: وفاقي وزير

وزيراعظم جي خصوصي پيٽرول رليف اسڪيم کي اهل گاڏي مالڪن ۽ صارفين جي سهولت لاءِ نئين سر جوڙيو ويو آهي :وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه

گذريل مرحلي ۾ صرف مالڪن جي نالي تي موٽرسائيڪلون رجسٽرڊ هجڻ جي شرط سبب رجسٽريشن جي شرح انتهائي گهٽ رهي هئي : وفاقي وزير عطا الله تارڙ

ڪيترين ئي گاڏيون خريد ڪري وارٿن يا عملي جي حوالي ڪيون وينديون آهن، اهڙي طرح وڏي انگ ۾ پورهيت پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ ڪرائي جا رڪشا ۽ بائيڪس هلائيندا آهن

وزيراعظم پروگرام جو تفصيلي جائزو وٺي واضح هدايتون ڏنيون آهن ته عوام کي رليف حاصل ڪرڻ ۾ غير ضروري طور تي محروم نه رکيو وڃي

عوامي فنڊن جي غلط استعمال کي روڪڻ ۽ اصل حقدارن جي تحفظ لاءِ بنيادي تصديقي گهرجون برقرار رکيون ويون آهن. موجوده طريقيڪار تحت درخواست ڏيندڙن کي 9771 تي چار بنيادي معلومات موڪلڻي پوندي

پهرين تصديق سان اهو معلوم ٿي ويندو ته جنهن سم تان ميسيج موڪليو ويو آهي اهو انهي شناختي ڪارڊ تي رجسٽرڊ آهي يا نه ته جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻي جي شناختي ڪارڊ تي ٽوڪن جاري نه ڪرائي سگهي

اسلام آباد (بيورو) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته وزيراعظم جي خصوصي پيٽرول رليف اسڪيم کي اهل گاڏي مالڪن ۽ صارفين جي سهولت لاءِ نئين سر جوڙيو ويو آهي، جنهن ۾ روزگار لاءِ استعمال ٿيندڙ موٽرسائيڪلون ۽ رڪشائن جو استعمال ڪندڙ پورهيتن کي به شامل ڪيو ويو آهي. سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد : وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه ۽ علي پرويز ملڪ سان گڏ پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي

ڊجيٽل معيشت پيداوار، واپار، طرز حڪمراني ۽ انساني ترقي جو اهم محرڪ بڻجي چڪي آهي :وفاقي وزير

ايس سي او خطي لاءِ تيز رفتار ترقي معياري روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ ترقياتي خال گهٽ ڪرڻ جو هڪ وڏو موقعو آهي

پاڪستان ڊجيٽل تبديلي کي پنهنجي قومي ترقياتي ايجنڊا جو مرڪزي حصو بڻايو آهي

نيشنل اي آءِ پاليسي کي ڊجيٽل عوامي خدمتن، ڊيٽا تي ٻڌل پاليسي سازي ۽ ذميواراڻي مصنوعي ذهانت کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم قدم قرار ڏنو

ارومچي، سنڪيانگ (م ڊ) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

جماعت اسلامي جي امير وياج جي شرح ۾ 3 سيڪڙو گهٽائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

حڪومت 20 سيپٽمبر جي اسلام آباد مارچ ۾ رنڊڪ وجهڻ کان پاسو ڪري، ٻئي صورت ۾ انهي جي ذميواري حڪومت مٿان هوندي : حافظ نعيم

پيٽروليم ليوي جو مڪمل خاتمو جماعت اسلامي جو بنيادي مطالبو آهي، حڪومت طرفان ڏنل رليف پيڪيج خوشي جوڳو پر اڻپورو آهي

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان وياج جي شرح ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3 سيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر جي 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ شرڪت

جتي پارلياماني معاملن، جمهوري نظام، قانونسازي، پارلياماني طريقيڪار ۽ گڏيل دلچسپي وارن مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي.ايم. عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ وفد سان گڏ آهن

جمهوري قدرن جي استحڪام ۽ قانونسازي توڙي پارلياماني طريقيڪار بابت تجربن جي ڏي وٺ جا موقعا فراهم ٿيندا

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ شرڪت سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس (CPC) ۾ شرڪت ڪري ر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

جي بي 16 ديامر 2: بيلٽس جي ڳڻپ ڪانپوءِ پ پ اميدوار ڪامياب

اليڪشن ٽربيونل جي حڪم ۽ اليڪشن ايڪٽ 2017 جي سيڪشن 95 تحت پوسٽل بيلٽس جي ڳڻپ ڪئي وئي

ڳڻپ مان ظاهر ٿيو ته عطا الله 6,618 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته امام ملڪ 6,605 ووٽ حاصل ڪيا هئا

7 جون تي ٿيل چونڊن ۾، پوسٽل بيلٽس جي ڳڻپ کان سواءِ ئي امام ملڪ کي شروعاتي طور تي ڪٽينڊڙ قرار ڏنو ويو هو

گلگت (م ڊ) پوسٽل بيلٽس (ٽپال ذريعي آيل ووٽن) جي ڳڻپ ڪانپوءِ گلگت بلتستان اسيمبلي جي تڪ GB_16 (ڊائمر_ II) ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي (PPP) جي اميدوار کي ڪامياب قرار ڏنو ويو پوسٽل بيلٽس جي ڳڻپ ڪانپوءِ تڪ GB_16 (ڊائمر_ II) جي چونڊ نتيجي ۾ تبديلي آئي، جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوار عطا الله کي 13 ووٽن جي فرق سان ڪٽينڊڙ قرار ڏنو ويو ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

دهشتگردي خلاف جنگ فيصلائتي مرحلي ۾ آهي : بلوچستان جو وزيراعليٰ

دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروائي رياستي ادارن جو پختو عزم ۽ پيشيوراڻي صلاحيت جي ترجماني آهي

سيڪيورٽي فورسز مستونگ ۾ فتنہ الهندستان خلاف ڪارروائي دوران ڪمانڊر نقيب سميت ٽن دهشتگردن جو مارجي وڃڻ اسان جي ڪاميابي آهي

ڪارروائي دوران دهشتگردن جي گاڏي کي ڪواڊڪاپٽر ذريعي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت، جرئت ۽ موثر ڪارروائي واکاڻ جوڳي آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي وزيراعليٰ مير سرفراز بگٽي مستونگ ضلعي ۾ فتنہ الهندستان خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي جي واکاڻ ڪندي چيو آهي ته دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروائي رياستي ادارن جو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

حيدرآباد جي پڪو قلعو ٿاڻي جي پوليس کي نئين پل جي باچا خان چوڪ تان پيرسن جو لاش هٿ

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي پڪو قلعو ٿاڻي جي پوليس کي نئين پل جي باچا خان چوڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

آٽو ڀان روڊ تي هڪ اسٽور ۾ پراسرار طور تي باهه لڳي وئي

حيدرآباد (رپورٽر) آٽو ڀان روڊ تي هڪ اسٽور ۾ پراسرار طور تي باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڳوٺ مير حسن مري ۾ 100 مستحق خاندانن ۾ سولر سسٽم ورهايا ويا

حيدرآباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڳوٺ مير حسن مري ۾ پهرين مرحلي ۾ علائق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

راولپنڊي: وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي ريلوي اسٽيشن جو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

ڊجيٽل پليٽ فارمن طرفان صارفين جي ذاتي ڊيٽا گڏ ڪرڻ بابت سنگين سوال

صارفين جي آن لائين ۽ ڪجهه آف لائين سرگرمين بابت وڏي پيماني تي معلومات گڏ ڪرڻ جو انڪشاف

وڏا عالمي ڊجيٽل پليٽ فارم صارفين جي موبائل فون ۽ آن لائين سرگرمين مان مختلف قسمن جي ڊيٽا حاصل ڪن ٿا

ڪراچي(رپورٽر) ڊجيٽل پليٽ فارمن طرفان صارفين جي ذاتي ڊيٽا گڏ ڪرڻ بابت سنگين سوال ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۽ سماجي رابطن جي پلي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي سميت سنڌ ۾ سرڪاري ۽ قيمتي زمينن تي مبينا قبضن بابت جاچ جو دائرو وڌائڻ جو انڪشاف

ماسٽر پلان، بلڊنگ ڪنٽرول ۽ سرڪاري توڙي عوامي هنڌن جي مبينا واپاري استعمال بابت جاچ جو دائرو وڌائڻ جون اطلاع آهن

ڪيترين ئي سياسي شخصيتن، بلڊرن، ڊولپرن، سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن جي معاملن جو جائزو ورتو پيو وڃي

ڪجهه شڪايتون ۽ رپورٽون قومي احتساب بيورو (نيب)، وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي)، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين جاچ ادارن تائين به پهچايون ويون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سميت سنڌ ۾ سرڪاري ۽ قيمتي زمينن تي مبينا قبضن بابت جاچ جو دائرو وڌائڻ جو انڪشاف ڪراچي سميت سنڌ ۾ سرڪاري ۽ قيمتي زمينن تي مبينا قبضن، زمينن جي الاٽمينٽ ۽ منتقلي، تعميرا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

صوبن کان 23 هزار اهلڪار اسلام آباد طلب

وفاقي حڪومت طرفان ڪابينه سيڪريٽري پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي صوبائي حڪومتن کي خط لکيو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت اسلام آباد جي سيڪيورٽي لاءِ صوبن کان مدد گهري ورتي. وفاقي حڪومت طرفان ڪابينه سيڪريٽري پنجاب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

اسان مقامي ادارن جي نظام جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون: شرجيل انعام ميمڻ

اڄ سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي سيني ڏٺي، ايم ڪيو ايم پنهنجي پراڻي روايت کي برقرار رکندي، لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل جي پيش رفت دوران شور مچايو

حڪومت هي بل ڪنهن به طرح پيش ڪري سگهي ٿي، تنهن هوندي به، مختلف پارٽين تي مشتمل هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي، جنهن ۾ سيني پارٽين جي ميمبرن شرڪت ڪئي

ايم ڪيوايم ڪميٽي ۾ بل جي سيني شقن جي حمايت ڪئي ۽ هاڻي، اسيمبلي ۾ اچي، اهو پنهنجي موقف تي واپس هليو ويو آهي، جيڪو ايم ڪيوايم جي پراڻي روايت آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اڄ سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي سيني ڏٺي. ايم ڪيو ايم پنهنجي پراڻي روايت کي برقرار رکندي، لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل جي پيش رفت دوران شور مچايو. هن چيو ته حڪومت هي بل ڪنهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسلام آباد: وفاقي وزيراعظم نظير تارڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي، پوليس ڪارروائي، گينگ وار جو اهم جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدار گينگ وار جي سرغني ڪاشف ڊاڍا جو ياءُ آهي

ڪاشف ڊاڍا جي ملڪ مان فرار ٿيڻ بعد جوابدار نصير پاڪ ڪالونيءَ ۾ گينگ هلائي رهيو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي پاڪ ڪالونيءَ ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي گينگ وار جي اهم جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

17 ڪلاڪن کان پوءِ ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بحال

بجلي بحال ٿيندي ئي متاثر 10 مان 8 پمپ فعال ڪيا ويا

آچر جي صبح جو 6 بجي ڪيبل فالٽ سبب ڌابيجيءَ تي بجليءَ جو وڏو بريڪ ڊائون ٿيو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪي اليڪٽرڪ 17 ڪلاڪن کان پوءِ ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بحال ڪري ڇڏي آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

حيدرآباد، بدين، سجاول ۽ ٺٽي ۾ پکين جي شڪار تي پابندي لاڳو

ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي چئن ئي ضلعن ۾ قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو

جنهن تحت سجاول، بدين ۽ ٺٽي ۾ 90 ڏينهن لاءِ پکين جي هر قسم جي شڪار ۽ جار هڻڻ تي پابندي هوندي

حيدرآباد (رپورٽر)حيدرآباد، بدين، سجاول ۽ ٺٽي ۾ پکين جي شڪار تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عبا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ايران ۽ نار ملڪن جو اهم اجلاس ملتوي، تهران جو سعودي الزام

جتي آبناءِ هرمز مان ٿيندڙ سامونڊي ڇُر پُر بابت خيالن جي ڏي وٺ ٿيڻي هئي

جيڪو ايران ۽ عمان فراهم ڪيو هو ۽ اميد هئي ته خطي جا ملڪ ان جي اهميت کي سمجهندي ان مان فائدو وٺندا

تهران (م ڊ) ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته عمان ۾ اڄ ٿيندڙ اجلاس سعودي عرب جي درخواست تي ملتوي ڪيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ معاملو، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وڏو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر جي سربراهي ۾ ٽن رڪني لارجر بئنچ ڪئي

جنهن ۾ جسٽس اعظم خان ۽ جسٽس آصف پڻ شامل هو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ٽي رڪني لارجر بئنچ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي 27 سيپٽمبر واري لانگ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: پي ٽي آءِ سنڌ جو صدر حليم عادل شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

آفريدي جي بطور وزيراعليٰ چونڊ خلاف درخواست ٻڌڻيءَ لاءِ منظور

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت پاران سهيل آفريديءَ جي بطور وزيراعليٰ چونڊ ڪالعدم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

وزيراعظم جي رليف اسڪيم، سستي پيٽرول لاءِ ڊيجيٽل نظام فعال

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي خصوصي رليف اسڪيم جي لاءِ موٽر سائيڪل، رڪشه، چنگچي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

بلوچستان ۾ ’فتنہ الهندستان‘ خلاف آپريشن، 9 دهشتگرد مارجي ويا

مستونگ ۾ هڪ آپريشن دوران ”فتنہ الهند“ گروپ جي گاڏي کي ڪواڊ ڪاپٽر ذريعي نشانو بڻايو ويو

ان دوران ڪمانڊر نقيب سميت 3 دهشتگرد مارجي ويا ۽ سندن گاڏي مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ايران جنگ هلندڙ سال ئي ختم ٿي ويندي: ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن (م ڊ) امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران جنگ هلندڙ سال ئي ختم ٿي وين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

اسلام آباد انصاف گهرڻ لاءِ اچون پيا، گولي نه هلڻ گهرجي: بيرسٽر گوهر

پي ٽي آءِ جا ڪارڪن پرامن طريقي سان اسلام آباد ايندا

ڪي پي جو وزيراعليٰ پرامن ۽ آئين و قانون موجب اسٽريٽ موومينٽ ڪندو

بونير (م ڊ) پي ٽي آءِ جي چيئرمين بيرسٽر گوهر خان چيو آهي ته اسان اسلام آباد انصاف گهرڻ لاءِ اچي رهيا آهيون، گولي نه هلڻ گهرجي، گول/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

”اهي غدار آهن“! خالد مقبول صديقي جو نون صوبن لاءِ روڊن تي نڪرڻ جو اعلان

ڪراچي ۽ لاهور سميت سڄي ملڪ ۾ نوان صوبا قائم ٿيڻ گهرجن، نون صوبن جو مطالبو سندن منشور ۾ شامل آهي : خالد مقبول صديقي

ايوانن هجن يا جلسا، هر هنڌ صوبن جي ڳالهه ڪئي آهي، هاڻي روڊن تي نڪرندا سين جتي آبادي وڌيڪ آهي، اتي صوبا قائم ٿيڻ گهرجن

ڪراچي(رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان اجلاس جي صدارت ڪندي

مسئلن جو حل لانگ مارچ نه، ڳالهين ۾ آهي: رانا ثناءُ الله

وزيراعظم ٽي پيرا ڳالهين جي دعوت ڏئي چڪو آهي، ٻڌايو وڃي ته ويهي ڳالهه ٻولهه ڇو نٿي ڪئي وڃي؟

ڪيس گرفتارين بابت ڪا ڄاڻ ناهي، سياسي ڌرين کي ويهي ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن

مسئلن جو حل لانگ مارچ ۾ نه پر ڳالهين ۾ آهي جنيد اڪبر جيڪو ڪجهه چيو، ان کي رد نٿو ڪريان، پر مون وٽ گرفتارين بابت ڪا ڄاڻ ناهي

اسلام آباد(بيورو)وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي معاملن واري صلاحڪار سينيٽر رانا ثناءُالله چيو آهي ته مسئلن جو حل لانگ مارچ ۾ نه، ڳالهين ۾ آهي. خانگي ٽي وي جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي رانا ثناءُالله چيو ته وزيراعظم ٽي پيرا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

حڪومت في ليٽر پيٽرول تي 85 رپيا ليوي وصول ڪري پئي: جماعتِ اسلامي

پيٽرول جي قيمت ۾ 80 رپيا ليوي جڏهن ته 5 رپيا ڪاربنائيزيشن ليوي شامل آهي، اهي ٽئڪس سڌو سنئون وفاقي حڪومت وٽ وڃن ٿا

شهباز حڪومت ڍائي سالن ۾ ليويءَ جي مد ۾ 3 هزار 137 ارب رپيا وصول ڪري چڪي آهي

صرف گذريل مالي سال ۾ حڪومت 1 هزار 567 ارب رپيا پيٽروليم ليوي جي مد ۾ وصول ڪيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) جماعتِ اسلامي جي ترجمان چيو آهي ته وفاقي حڪومت في ليٽر پيٽرول تي 85 رپيا ليوي وصول ڪري رهي آهي. جنهن جو پيٽرول جي اصل قيمت سان ڪو تعلق ناهي. ترجمان موجب پيٽرول جي قيمت ۾ 80 رپيا ليوي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

لبنان جي گهرو وزير احمد الحجار جو پاڪستان مونومينٽ ۽ اسلام آباد پوليس لائنز جو دورو

پاڪستان مونومينٽ پهچڻ تي فيڊرل ڪانسٽيبلري (ايف سي) جي دستي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو

لبنان جي گهرو وزير شهيدن جي يادگار تي حاضري ڏني، گلن جي چادر چاڙهي ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ فاتحه خواني ڪئي

ان موقعي تي کيس يادگار جي تاريخي ۽ قومي اهميت بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن تي هن يادگار جي تاريخي پس منظر ۽ خوبصورت فن تعمير جي واکاڻ ڪئي

بعد ۾ اسلام آباد پوليس لائنز ۾ لبناني گهرو وزير جي اعزاز ۾ هڪ خاص پريڊ جو انعقاد ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) لبنان جي گهرو وزير احمد الحجار گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري سان گڏ پاڪستان مونومينٽ ۽ اسلام آباد پوليس لائنز جو دورو ڪيو. پاڪستان مونومينٽ پهچڻ تي فيڊرل ڪانسٽيبلري (ايف سي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: لبنان جي گهرو وزير احمد الحجار جو پاڪستان مونومينٽ ۽ اسلام آباد پوليس لائنز جو دورو ڪندي

سون جي اگهه ۾ وڏي لاٽ، هزارين رپيا سستو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن سون جي اگهه ۾ هزاري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

عمران خان جي اڳوڻي گهرواري جمائما ٻي شادي ڪري ڇڏي

لنڊن (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي اڳوڻي گهرواري ۽ فلم پروڊيوسر جمائما گولڊ سمٿ ڪاروباري شخص ڪئمرون او ريلي سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

مير رضا جي حق ۾ احتجاج دوران ٻن گروپن ۾ جهيڙو، زخمي

اڃا تائين ڪو به ماڻهو (مدعي طور) سامهون نه آيو آهي ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

مير رضا جي والد مير حسين، پنهنجي والده ۽ ڀيڻ سان گڏ جي جماعت اسلامي پاران منعقد ڪيل ڌرڻي ۾ شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) طارق روڊ جي ”الله واري چورنگي“ تي نوجوان واپاري مير رضا جي قتل ڪيس بابت احتجاج دوران ٻن گروهن وچ ۾ جهيڙو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

مير رضا قتل ڪيس: پوليس سرجن ڊاڪٽر سميه کي ڌمڪيون، ٻن ڏينهن تائين موٽرسائيڪل تي پيڇو ڪرڻ جو انڪشاف

ڪراچي (رپورٽر) مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيل ڪميشن آڏو پوليس سرجن ڊاڪٽر س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

مير رضا قتل ڪيس ۾ نئون موڙ، والدين پاران جي آءِ ٽي جوڙڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نظرثاني درخواست

مقتول جي والدين جي وڪيلن شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ لاءِ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ جي مطالبي سان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نظرثاني درخواست داخل ڪري ڇڏي

مير رضا جي قتل جي معاملي جي مڪمل حقيقت سامهون آڻڻ لاءِ موجوده جاچ جو ٻيهر ۽ غيرجانبدار جائزو وٺڻ ضروري آهي

ڪيس جي جاچ دوران پوليس طرفان ڪجهه جاچ وارين ڪوتاهين پاڻ به تسليم ڪيون ويون آهن

ڪراچي(رپورٽر) مير رضا قتل ڪيس ۾ نئون موڙ، والدين پاران جي آءِ ٽي جوڙڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نظرثاني درخواست مير رضا قتل ڪيس ۾ نئون موڙ اچي ويو آهي. مقتول جي والدين جي وڪيلن شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ لاءِ گڏيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي

اڱارو 15 سيپٽمبر 2026 ع بمطابق 02 ربيع الثاني 1448 ھ

پيٽرول رليف، عوام لاءِ حقيقي سهارو يا رڳو اعلان؟

ملڪ ۾ پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن عوام جي زندگي اڳ ئي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت پاران موٽرسائيڪلن، رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي تائين ننڍين گاڏين لاءِ پيٽرول تي في ليٽر 100 رپيا رليف ڏيڻ جو اعلان بظاهر عوام لاءِ هڪ سٺو قدم نظر اچي ٿو. پر اصل سوال اهو آهي تہ هي رليف عملي طور تي ڪيترو ۽ ڪهڙي طريقي سان عام ماڻهو تائين پهچندو. حڪومت جو چوڻ آهي تہ ڏکئي وقت ۾ عوام کي اڪيلو نہ ڇڏيو ويندو، پر عوام اهڙن اعلانن کان وڌيڪ عملي سهولت جو طلبگار آهي، ڇاڪاڻ تہ پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ جو سڌو اثر رڳو گاڏي هلائيندڙ تي نہ پر ملڪ جي هر طبقي تي پوي ٿو.

موٽرسائيڪل، رڪشا ۽ چنگچي هلائيندڙ ملڪ جي هيٺين ۽ وچولي طبقي جي روزاني زندگيءَ جو اهم حصو آهن. هزارين ماڻهو موٽرسائيڪل تي روزگار لاءِ نڪرن ٿا. رڪشا ۽ چنگچي هلائيندڙ پنهنجي گهرن جو خرچ هلائين ٿا. جڏهن تہ شاگرد، مزدور، ننڍا واپاري ۽ ملازم بہ سفر لاءِ انهن ئي ذريعن تي ڀاڙين ٿا. تنهنڪري پيٽرول ۾ حقيقي رليف يقيناً انهن ماڻهن لاءِ وڏو سهارو بڻجي سگهي ٿو. پر ان لاءِ ضروري آهي تہ رليف جو نظام سادو، شفاف ۽ هر حقدار تائين بنا ڪنهن سفارش، رشوت يا غيرضروري ڪاغذي ڪارروائي جي پهچي.

حڪومت پاران 20 ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا في ليٽر رليف ۽ 800 سي سي تائين گاڏين لاءِ 30 ليٽر تي اهڙي رعايت جو اعلان ڪيو ويو آهي. پر هتي بہ ڪيترائي سوال پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن هڪ طرف پيٽرول جي قيمت مسلسل عوام جي قوت خريد کي متاثر ڪري رهي هجي ۽ ٻي طرف رليف محدود مقدار تائين هجي تہ پوءِ ان جو مجموعي اثر ڪيترو ٿيندو؟ هڪ غريب مزدور يا موٽرسائيڪل سوار لاءِ ڪجهہ ليٽرن تي رعايت عارضي سهارو تہ ٿي سگهي ٿي، پر مستقل حل نہ. عوام کي اهڙي پاليسي گهرجي جيڪا پيٽرول جي قيمتن ۾ غيرمعمولي واڌ کان تحفظ ڏئي ۽ روزاني استعمال جي شين جي قيمتن کي بہ قابو ۾ رکي.

پيٽرول جي قيمت وڌڻ سان ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌن ٿا، مال برداري مهانگي ٿئي ٿي، کاڌ خوراڪ، سبزيون، دوائون ۽ ٻين شين جي قيمتن تي بہ اثر پوي ٿو. ان ڪري حڪومت جيڪڏهن واقعي عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي تہ رڳو پيٽرول تي مخصوص طبقي کي محدود رعايت ڏيڻ بدران مهانگائي جي سموري زنجير کي ٽوڙڻ لاءِ جامع قدم کڻڻا پوندا. غريب ماڻهو لاءِ اصل رليف اهو آهي تہ سندس آمدني برقرار رهي، بجلي ۽ گئس جا بل قابو ۾ هجن، روزاني استعمال جون شيون مناسب اگهن تي ملن ۽ سفر جا خرچ سندس آمدني کان ٻاهر نہ وڃن.

حڪومت جو اهو فيصلو بہ اهم آهي تہ ليوي مان حاصل ٿيندڙ آمدني بدران ان جو ڪجهہ فائدو عوام ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. پر عوام کي اهو ٻڌائڻ جو حق آهي تہ رليف اسڪيم لاءِ ڪيترا وسيلا رکيا ويا آهن، ڪيترا ماڻهو ان مان فائدو وٺندا ۽ اسڪيم ڪيتري عرصي تائين جاري رهندي. جيڪڏهن اهڙي معلومات شفاف نموني عوام اڳيان رکي وڃي تہ حڪومت جي اعلان تي اعتماد وڌي سگهي ٿو ٻي صورت ۾ خدشو رهندو تہ وڏن اعلانن جو فائدو محدود ماڻهن تائين پهچي ۽ اصل مستحق وري قطار کان ٻاهر بيٺل نظر اچن.

رجسٽريشن جو عمل گهرويني ڪرڻ جو اعلان بہ سٺو قدم آهي، پر ڊجيٽل سهولت سان گڏ انهن ماڻهن کي بہ نظرانداز نہ ڪيو وڃي جيڪي انٽرنيٽ، موبائل ايپليڪيشن يا آن لائين رجسٽريشن کان واقف ناهن. ملڪ ۾ اڃا بہ وڏي آبادي اهڙي آهي جيڪا ٽيڪنالاجي جي سهولتن تائين آسانيءَ سان پهچي نٿي سگهي. حڪومت کي گهرجي تہ هر ضلعي ۽ تعلقي سطح تي آسان رجسٽريشن مرڪز قائم ڪري، جيئن غريب، اڻپڙهيل ۽ بزرگ شهري بہ ڪنهن دلال جي رحم ڪرم تي رهڻ کانسواءِ پنهنجو حق حاصل ڪري سگهن.

سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ رليف جي رقم واقعي پيٽرول خريد ڪندڙ حقدار تائين پهچي. ماضي ۾ مختلف امدادي ۽ سبسڊي اسڪيمون اهڙي طريقيڪار جي پيچيدگين، غلط ڊيٽا، سفارش ۽ ڪرپشن سبب تنقيد جو نشانو بڻيون آهن. هن ڀيري حڪومت کي شفاف نظام، عوامي شڪايتن جي فوري ازالي ۽ سخت نگراني جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ سرڪاري اهلڪار، وچولي يا دلال کي غريب جي حق مان حصو ڪٽڻ جي اجازت نہ هجڻ گهرجي.

عوام کي رليف ڏيڻ حڪومت جي مهرباني نہ پر رياست جي ذميواري آهي. عوام ٽيڪس، ليوي ۽ مختلف محصولن جي صورت ۾ رياست کي آمدني فراهم ڪري ٿو، تنهنڪري جڏهن معاشي بحران ۾ عوام تي بار وڌي ٿو تہ حڪومت جو فرض آهي تہ ان بار کي گهٽ ڪري. پيٽرول تي 100 رپيا رليف هڪ مثبت شروعات بڻجي سگهي ٿي، پر ان کي مستقل عوام دوست معاشي پاليسي جو حصو بڻائڻ ضروري آهي.

حڪومت کي اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ عوام هاڻي رڳو اعلان نہ پر نتيجا ڏسڻ چاهي ٿو پيٽرول تي رليف سان گڏ مهانگائي، بجلي، ٽرانسپورٽ، روزگار ۽ روزاني ضرورتن جي شين بابت بہ واضح پاليسي سامهون اچڻ گهرجي. جيڪڏهن رليف واقعي غريب ۽ وچولي طبقي تائين پهچي ويو تہ اهو حڪومتي فيصلي لاءِ عوامي اعتماد بحال ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. پر جيڪڏهن اهو بہ ڪاغذن، اعلانن ۽ رجسٽريشن جي پيچيدگين تائين محدود رهيو تہ عوام جي مايوسي وڌيڪ وڌندي.

ملڪ جي معاشي حالتن ۾ حڪومت لاءِ اصل امتحان اهو آهي تہ محدود وسيلن باوجود عام ماڻهو جي زندگي آسان ڪيئن بڻائي وڃي. پيٽرول تي اعلانيل رليف کي سياسي اعلان بدران هڪ شفاف، مستقل ۽ عوام دوست قدم بڻائڻو پوندو. عوام کي اهڙي رليف جي ضرورت آهي جيڪو سندس گهرجي چلهہ، روزگار ۽ سفر کي ڪجهہ آساني ڏئي، نہ رڳو سرڪاري بيانن ۾ نظر اچي. حڪومت جيڪڏهن واقعي چاهي ٿي تہ عوام کي ڏکئي وقت ۾ اڪيلو نہ ڇڏجي، تہ پوءِ ان واعدي جو ثبوت عملي قدم، شفافيت ۽ مسلسل عوامي سهولت جي صورت ۾ ڏيڻو پوندو.

نوان صوبا يا بااختيار ضلعا؟ پاڪستان جي سياست ۾ نئين بحث جو اصل مقصد ڇا آهي؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان ۾ نون صوبن جو مطالبو ڪو نئون سياسي موضوع ناهي، پر جڏهن بہ ملڪ ۾ سياسي حالتون تبديل ٿينديون آهن تہ انتظامي ڍانچي، نون صوبن ۽ اختيارن جي ورڇ بابت سوال ٻيهر شدت سان سامهون اچي ويندو آهي. اڄ بہ مختلف سياسي حلقن ۾ اها بحث ٻڌڻ ۾ اچي رهي آهي تہ آبادي ۾ واڌ، انتظامي مشڪلاتن ۽ عوام کي فوري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ نوان صوبا ناهيا وڃن يا موجوده ضلعن ۽ مقامي حڪومتن کي حقيقي معنيٰ ۾ بااختيار بڻايو وڃي. ظاهري طور ٻنهي تجويزن جو مقصد عوام کي بهتر انتظامي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، پر حقيقت اها آهي تہ پاڪستان جهڙي مختلف ثقافتن ۽ علائقن واري ملڪ ۾ صوبن جي جوڙجڪ رڳو انتظامي معاملو ناهي، پر ان سان سياسي، تاريخي، لساني ۽ علائقائي حساسيتون پڻ جڙيل آهن.

اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي درست آهي تہ پاڪستان جي آبادي ڪيترائي ڀيرا وڌي چڪي آهي. وڏن صوبن جي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ شهرين کي صوبائي مرڪزن تائين پهچڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هڪ عام شهري لاءِ تعليم، صحت، روزگار، زمين جي معاملن، پوليس، عدالتن ۽ سرڪاري ادارن سان لاڳاپيل ڪم ڪيترن ئي ڀيرا ڏکيو، فاصلي ۽ پيچيده نظام سبب ڏکيو بڻجي وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا موجوده انتظامي نظام عوام جي وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي؟

پر ان سوال جو جواب لازمي طور نون صوبن جي صورت ۾ ئي ملي، اهو ضروري ناهي. پاڪستان ۾ اصل مسئلو رڳو صوبن جي وڏي يا ننڍي هجڻ جو ناهي، پر اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل نہ ڪرڻ بہ هڪ وڏو مسئلو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ضلعي جي چونڊيل نمائندن ۽ مقامي حڪومتن وٽ پنهنجي علائقي جا اسڪول، اسپتال، رستا، نيڪال جو نظام، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ مناسب اختيار ۽ وسيلا نہ هجن تہ رڳو صوبو ننڍو ڪرڻ سان عام شهري جي زندگي ۾ فوري تبديلي نہ ايندي.

پاڪستان جي وڏن شهرن ۽ ڏورانهن ضلعن جي صورتحال اسان جي سامهون آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ اڄ بہ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي، جيتوڻيڪ اتي سالن کان صوبائي ۽ وفاقي حڪومتون موجود رهيون آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مسئلو رڳو انتظامي نقشي جو ناهي، پر حڪمراني جي طريقيڪار جو بہ آهي. جيڪڏهن اختيار ڪجهہ وڏن شهرن ۽ سرڪاري آفيسن تائين محدود رهن تہ نوان صوبا بہ اهي ئي مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا، جيڪي اڄ موجوده صوبن ۾ نظر اچن ٿا. ٻئي طرف نون صوبن جو مطالبو ڪندڙن وٽ بہ پنهنجا دليل موجود آهن. انهن جو چوڻ آهي تہ وڏن صوبن جي ڏورانهن علائقن کي گهربل توجهہ نٿي ملي ۽ هڪ تمام وڏي انتظامي يونٽ کي مؤثر طريقي سان هلائڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. آبادي ۾ واڌ، شهرن جي وڌندڙ پکڙجڻ ۽ نون انتظامي گهرجن هن بحث کي وڌيڪ اهم بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا ماڻهو اهو محسوس ڪن تہ سندن مسئلن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي تہ وڌيڪ مؤثر انتظامي نظام جو مطالبو ڪرڻ فطري ڳالهہ آهي.

پر هتي سڀ کان اهم سوال اهو آهي تہ نوان صوبا ناهڻ جو طريقو ڪهڙو هوندو؟ جيڪڏهن اهو عمل سياسي مفادن، چونڊن جي حساب ڪتاب يا ڪنهن مخصوص علائقي جي سياسي طاقت وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو تہ اها اصلاح بدران وڌيڪ اختلافن کي جنم ڏئي سگهي ٿي. صوبن جي جوڙجڪ قومي اتفاق راءِ، آئيني طريقيڪار، عوامي صلاح مشوري ۽ سمورن لاڳاپيل علائقن جي مفادن کي سامهون رکي ٿيڻ گهرجي.

پاڪستان جي تاريخ اسان کي اهو سبق ڏئي ٿي تہ علائقائي معاملن کي جذبات بدران سمجهہ ۽ سنجيدگي سان حل ڪرڻ ضروري آهي. ڪنهن بہ علائقي جي ماڻهن جي سڃاڻپ، ثقافت، ٻولي، تاريخ ۽ سياسي جذبن کي نظرانداز ڪري ڪا بہ انتظامي تبديلي ڊگهي عرصي تائين ڪامياب نٿي ٿي سگهي. ان ڪري نون صوبن جي بحث کي ڪنهن هڪ جماعت يا مخصوص علائقي جي سياسي نعري تائين محدود ڪرڻ بدران قومي سطح تي سنجيده ڳالهہ ٻولهہ جو حصو بڻائڻ گهرجي.

اهو بہ ضروري آهي تہ هن بحث ۾ عوام کي مرڪز بڻايو وڃي. سياسي جماعتن کي اهو ٻڌائڻو پوندو تہ نئون صوبو ٺهڻ کان پوءِ عام شهري کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ ڇا سرڪاري اسپتال بهتر ٿيندا؟ ڇا اسڪولن جي حالت سڌرندي؟ ڇا روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا؟ ڇا پوليس ۽ انتظاميا عوام جي وڌيڪ ويجهو ايندي؟ ڇا هاري کي پنهنجي زمين جي معاملن لاءِ گهٽ فاصلو طئي ڪرڻو پوندو؟ ڇا نوجوانن کي پنهنجي ئي علائقي ۾ تعليم ۽ روزگار جا بهتر موقعا ملندا؟ جيڪڏهن انهن سوالن جا واضح جواب موجود نہ آهن تہ رڳو نئين صوبي جو نعرو عوام جا بنيادي مسئلا حل نٿو ڪري سگهي. ان ڪري هڪ عملي رستو اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ موجوده صوبائي نظام اندر ضلعن ۽ مقامي حڪومتن کي حقيقي اختيار ڏنا وڃن. بجيٽ جو مناسب حصو هيٺين سطح تائين پهچايو وڃي، چونڊيل مقامي ادارن کي مستقل اختيار ڏنا وڃن ۽ مقامي مسئلن بابت فيصلا مقامي سطح تي ڪيا وڃن. اهڙي طريقي سان عوام کي پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ بار بار صوبائي مرڪزن جا چڪر نہ لڳائڻا پوندا. پاڪستان ۾ سياسي جماعتن کي بہ هن معاملي تي سنجيده سياسي رويو اختيار ڪرڻو پوندو. نون صوبن جي بحث کي هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ يا سياسي فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ بدران قومي ضرورت طور ڏسڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي کي انتظامي مشڪلاتون آهن تہ انهن جو حل ڳوليو وڃي، پر ساڳئي وقت ملڪ جي وحدت، صوبائي هم آهنگي ۽ قومي يڪجهتي کي بہ اوليت ڏني وڃي.

اڄ پاڪستان کي اهڙن سياسي نعرن کان وڌيڪ عملي فيصلن جي ضرورت آهي، جيڪي عوام جي زندگي آسان بڻائين. عوام کي ان ڳالهہ سان گهڻو واسطو ناهي تہ سندن علائقو صوبو آهي يا ڊويزن، انهن کي ان ڳالهہ سان دلچسپي آهي تہ سندن ٻار کي سٺو اسڪول ملي، بيمار ماڻهو کي وقت سر علاج ملي، نوجوان کي روزگار ملي، هاري کي پنهنجي فصل جو مناسب اگهہ ملي ۽ عام شهري کي سرڪاري آفيس ۾ عزت ۽ سهولت ملي. نوان صوبا ناهڻ جيڪڏهن واقعي عوامي ضرورت آهي تہ ان تي قومي سطح تي سنجيده بحث ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اصل مسئلو اختيارن جي مرڪزيت ۽ مقامي حڪومتن جي ڪمزوري آهي تہ پوءِ پهريان انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ وڌيڪ دانشمندي هوندي. پاڪستان کي انتظامي سڌارن جي ضرور ضرورت آهي، پر اهڙن سڌارن جي، جيڪي عوام کي ورهائڻ بدران رياستي نظام کي مضبوط ڪن. آخرڪار پاڪستان جي سياست کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ اسان جي ترجيح نقشي تي نيون ليڪون ڪڍڻ آهي يا عوام جي زندگي ۾ حقيقي تبديلي آڻڻ. نوان صوبا هجن يا بااختيار ضلعا، اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي جڏهن اختيار عام شهري جي ويجهو پهچندو. پاڪستان کي اهڙي نظام جي ضرورت آهي، جتي فيصلا عوام کان پري وڏن مرڪزن ۾ نہ، پر عوام جي ويجهو ٿين. جيڪڏهن نون صوبن جو مقصد عوام کي اختيار، سهولت ۽ انصاف ڏيڻ آهي تہ هن بحث جو آڌرڀاءُ ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اهو رڳو سياسي طاقت جي نئين ورڇ جو ذريعو بڻجي تہ پوءِ سوال اٿارڻ بہ ضروري آهي. ملڪ کي نون انتظامي نقشن کان وڌيڪ بهتر حڪمراني، مضبوط ادارن، بااختيار مقامي حڪومتن ۽ سياسي اتفاق راءِ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ مضبوط پاڪستان رڳو صوبن جو انگ وڌائڻ سان نہ، پر عوام کي بااختيار بڻائڻ سان نهندو.

اقتدار، جدليات ۽ نون صوبن جو سوال

طفيل مگسي

مارڪس چيو هو:

"سڄي دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو!"

ليڪن لنن انهيءَ تاريخي صدا کي هڪ نئين جغرافيائي ۾ منتقل ڪيو هن سمجهي ورتو هو تہ انقلاب جي تاريخ يورپي صنعتي ڪارخانن ۾ نہ لکي ويندي اوپر جا محڪوم عوام بہ تاريخ جا فعال Subject بڻجي سگهن ٿا اهڙا Subject جيڪي ٻاهرين سامراجي تسلط ۽ اندرين استحصالي طبقن ٻنهيءَ کي چيلنج ڪن

اڄ پاڪستان جي سياسي منظرنامي تي بہ هڪ منحوسي گردش ڪري رهي آهي

اها مزدور جي منحوسي ٿي ناهي: بلڪ اها Subaltern جي منحوسي آهي

اهي ماڻهو جيڪي رياست جي مرڪز ۾ موجود ناهن، گر رياست جي بوجهہ کي پنهنجن ڪلهن تي کڻن ٿا

اهي ماڻهو جيڪي آئين ۾ برابر جا شهري آهن، مگر اقتدار جي عملي سڃاڻپ ۾ حاشي تي بيٺا آهن

اهي ماڻهو جيڪي وسيلا پيدا ڪن ٿا، مگر وسيلن جي ورهاست تي انهن جو اختيار ناهي

اهي ئي Subaltern هيئنر طاقت جي پراڻن قلعن جي دروازن کي ڪڙڪائي رهيا آهن

۽ هتي مارڪس جي Class Struggle، هيگل جي Dialectic ۽ نطشي جي Will to Power هڪ عجيب فڪري مقام تي هڪ ٻئي کي ڇهندي محسوس ٿين ٿيون.

اصل سوال صوبن جو ناهي، اقتدار جو آهي

نون صوبن جو مسئلو ظاهر ۾ جغرافيائي يا انتظامي لڳي ٿو ليڪن انهيءَ جي تہ ۾ هڪ وڌيڪ بنيادي سوال لڪل آهي:

رياست ڪنهن جي آهي؟

رياستي وسيلا ڪنهن جي لاءِ آهن؟

نمائندگي جو حق ڪنهن وٽ آهي؟

۽ تاريخ جو ايندڙ باب لکڻ جو اختيار ڪنهن کي حاصل آهي؟

هتي اسان کي نطشي ڏانهن وڃڻو پوي ٿو

نطشي اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ هر سياسي ۽ اخلاقي نظام جي پٺيان Power جو لڪل منطق هوندو آهي اقتدار صرف پارليامينٽ، وزارت يا آئيني شن ۾ موجود ناهي هوندو بلڪ اهو ادارن، ٻولي، تعليم، ثقافت، سڃاڻپ ۽ ايستائين تہ ان تصور ۾ موجود هوندو آهي تہ ڪير ڳالهائڻ جو حق رکي ٿو

جيتوڻيڪ سوال اهو ناهي تہ:

"نئون صوبو ڪهڙو آهي؟"

وڌيڪ بنيادي سوال اهو آهي:

"صوبو ناهڻ جو حق ڪنهن وٽ هوندو؟"

هتي هگل جا جدلات داخل ٿيئي ٿي

گل ڪجدلات داخل وڌ

جها ڪرم ۽ محڪوم جو تعلق ڪڏهن مائو نتو رهي

جنهن Master کي يقين هجي تہ هو سدائين Master رهندو اهو تاريخ جي سڀ کان وڏي غلط فهمي ۾ مبتلا آهي

ڇاڪاڻ تہ محڪوم صرف محڪوم ناهي رهندو بلڪ هو پنهنجي تجربي کان شعور پيدا ڪندو آهي

۽ جڏهن consciousness پنهنجي تاريخي حيثيت کي سڃاڻي وٺي تہ محڪوم محض object نٿو رهي بلڪ هو Subject of History بڻجي وڃي ٿو

اهوئي ئي اهڙو وقت آهي جنهن کان حڪمران طبقا خوفزده ٿيندا آهن

پاڪستان جو ٽڪراءُ:

پاڪستان جو موجوده سياسي و معاشي ڍانچو بہ انهيءَ ٽڪراءُ جي ورچڙهيل آهي

هڪ پاسي سهوليت يافتہ طبقو، مرڪز پسند ۽ ڪمپرادر حڪران طبقو آهي جيڪو رياستي طاقت جي موجوده ڍانچي کان فائدو وٺڻ چاهي ٿو

ٻيئي پاسي اها ڪشادي عوامي اڪثريت آهي جيڪا مسلسل نمائندگي، وسيلن سڃاڻپ ۽ اختيار هئڻ جو مطالبو ڪري ٿي

حڪمران طبقو تبديلي جي ضرورت کي محسوس تہ ڪري ٿو ليڪن هڪ بنيادي شرط سان گڏ:

تبديلي ٿيئي، مگر اقتدار اسان جي هٿ کان نہ وڃي

اهوئي Dialectical Contradiction آهي

اهي نظام کي بدلائڻ چاهين ٿا، مگر طاقت جي لاڳاون کي نہ

اهي institution power چاهين ٿا مگر al reform redisttribution نہ

اهي نقشو تبديل ڪرڻ چاهين ٿا، مگر نقشي جي پٺيان موجود طبقاتي حقيقت کي ڇهڻ نٿا چاهين

ليڪن تاريخ صرف نصشا نہ بدلائيندي بلڪ تاريخ طاقت جا لاڳاپا بہ بدلائيندي آهي

۽ نئين عالمي جدليات Global South دنيا بہ هن وقت هڪ وڏي تاريخي تبديلي کان گذري رهي آهي

عالمي طاقت جو پراڻو مرڪز هاڻي اڳ جهڙو ناهي رهيو Global South محض عالمي سياست جو تماشائي ناهي بلڪ اهو نئين geopolitical order جي جوڙجڪ ۾ وڌندڙ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

پراڻو عالمي نقشو ٽٽي رهيو آهي ۽ هڪ نئون نقشو اڃا مڪمل طور تي وجود ۾ ناهي آيو

اهوئي historical interregnum آهي ۽ اهڙن ئي وقتي دورن ۾ پراڻي اقتدار جي قلعن ۾ ڏارون پيدا ٿينديون آهن

پاڪستان بہ انهيءَ عالمي تبديلي کان ٻاهر ناهي ليڪن هتي هڪ سوال وري اسان جي سامهون اڀري ٿو:

ڇا نئين جغرافيائي جوڙجڪ عوام کي اختيار وارو بڻائيندي يا پراڻي اقتدار کي نئين شڪل ڏيندي؟ اهو فرق بنيادي آهي

صوبو: نقشو نہ، اقتدار جو هنڌ صوبو صرف زمين جو هڪ ٽڪرو نہ بلڪ صوبو ٻولي آهي صوبو سڃاڻپ آهي صوبا وسيلا آهي صوبو نمائندگي آهي صوبو روزگار آهي صوبو سياسي agency آهي

۽ سڀ کان وڌي ڪري:

صوبو اقتدار جي ورهاست جو هڪ ميدان آهي

انهيءَ ڪري نون صوبن جو مطالبو نہ تہ محض انتظامي مسئلو آهي ۽ نہ انهيءَ کي محض سڃاڻپي سياست ۾ ختم ڪري سگهجي ٿو

انهيءَ لاءِ class، identity، language، representatio ۽ Power جي گڏيل تعلق ۾ سمجهڻو پوندو

عوام جي بنا ڪا بہ تاريخي تبديلي حقيقي ناهي جيڪڏهن نون صوبن جي جوڙجڪ واقعي هڪ تاريخي ضرورت بڻجي وڃي آهي تہ ان جو فيصلو بند ڪمرن ۾ نہ ٿيڻ گهرجي ان جو فيصلو عوامي ارادي سان ٿيڻ کپي

نيون چونڊون ٿين سياسي پارٽيون چٽي نموني ٻڌائين تہ اهي نئين صوبائي تنظيم جي باري ۾ ڇا موقف رکن ٿيون عوام کي فيصلو ڪرڻ ڏنو وڃي جيڪڏهن عوام چٽو عوامي مينڊيٽ ڏئي ٿو تہ آئيني رستو اختيار ڪيو وڃي باقي زور زبردستي سان صوبن کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهائڻ ملڪ کي هڪ ٻيرو وري ورهائڻ ڏانهن ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي

ڇاڪاڻ تہ:

Democratic legitimacy is not an obstaclAe to historical change; it is the condition of its legitimacy.

ليڪن جيڪڏهن نوان صوبا عوامي راضپي بنا ناهيا وڃن ٿا تہ امڪان آهي تہ اهو سڌارو نہ بلڪ reproduction of power ثابت ٿيئي

يعني برائي طاقت نئين اداري ۾ پراڻي اشرافيہ نئين سرحد جي اندرءِ پراڻو استحصال نئين آئيني نالي سان گڏ اها حقيقي تبديلي ناهي بلڪ صرف اقتدار جو metamorphosis آهي

اهوئي سبب آهي تہ Subaltern کي سياسي عمل کان خارج نٿو ڪري سگهجي

انهيءَ کي خاموش ڪري سگهجي ٿو وقتي طور تي دٻائي سگهجي ٿو نمائندگي محروم ڪري سگهجي ٿو ليڪن انهيءَ کي سدائين جي لاءِ تاريخ کان خارج نٿو ڪري سگهجي

ڇاڪاڻ تہ تاريخ جي پنهنجي هڪ Dialectic هوندي آهي جيڪو ٽڪراءُ حل ناهي ڪيو ويندو اهو ختم ناهي ٿيندو بلڪ واپس ايندو آهي وڌيڪ طاقت سان گڏ وڌيڪ شعور سان گڏ ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ خطرناڪ شڪل ۾ اهوئي pectre of She Subaltern آهي

اهو اقتدار جي دروازي تي بيٺو آهي ۽ پڇي رهيو آهي:

رياست ڪنهن جي آهي؟ وسيلا ڪنهن جا آهن؟ سڃاڻپ ڪير مقرر ڪندو؟ ۽ سڀ کان اهم:

، نوان صوبا ڪير ناهيندو حڪمران يا عوام؟

منهنجو جواب چٽو آهي:

حڪمران نقشو تجويز ڪري سگهن ٿا؟

آئين رستو ميسر ڪري سگهي ٿو ليڪن تاريخ جو حقيقي Subject آهي

۽ جڏهن عوام تاريخ جا Subject بڻجي وڃن ٿا تہ ڪو بہ اقتدار سدائين جي لاءِ پنهنجي پراڻي شڪل ۾ قائم نٿو رهي سگهي

The spectre does not disappear.

It waits for history to become conscious of itself

بقايا 01 ***

ارڙ ۽ پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو تہ حڪومت پروگرام جي گڏيل مرحلن جي تجربن جو جائزو وٺي عوام لاءِ رجسٽريشن جو طريقيڪار آسان بڻايو آهي، ڇاڪاڻ تہ گڏيل مرحلي ۾ صرف مالڪن جي نالي تي موٽرسائيڪلون رجسٽرڊ هجڻ جي شرط سبب رجسٽريشن جي شرح انتهائي گهٽ رهي هئي. شزہ فاطمہ جو چوڻ هو تہ روزگار لاءِ ڀاڙي تي موٽرسائيڪلون ۽ رڪشا هلائيندڙن لاءِ هاڻي گاڏي جي ملڪيت لازمي شرط نہ هوندو. جڏهن تہ 800 سي سي گاڏي تي رعايت حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪيت هجڻ ضروري هوندو. هن وضاحت ڪئي تہ ملڪ ۾ ڪيترن ئي گاڏين اوپن ٽرانسفر ليٽر تي هلي رهيون آهن جڏهن تہ ڪيترن ئي گاڏين خريد ڪري وارثن يا عملي جي حوالي ڪيون وينديون آهن. اهڙي طرح وڏي انگ ۾ پورهيت پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ ڪرائي جا رڪشا ۽ بائيڪس هلائيندا آهن. وفاقي وزير چيو تہ وزيراعظم پروگرام جو تفصيلي جائزو وٺي واضح هدايتون ڏنيون آهن تہ عوام کي رليف حاصل ڪرڻ ۾ غير ضروري طور تي رڪاوٽ نہ ڪئي وڃي، عوامي فنڊن جي غلط استعمال کي روڪڻ ۽ اصل حقدارن جي تحفظ لاءِ بنيادي تصديقي گهرجون برقرار رکيون ويون آهن. موجوده طريقيڪار تحت درخواست ڏيندڙن کي 9771 تي چار بنيادي معلومات موڪلڻي پونديون جن ۾ سڃاڻپ ڪارڊ نمبر، گاڏي جي نمبر پليٽ، رجسٽريشن جو صوبو ۽ رجسٽريشن جي تاريخ شامل آهي. شزہ فاطمہ ٻڌايو تہ پهرين تصديق سان اهو معلوم ٿي ويندو تہ جنهن سم تان ميسيج موڪليو ويو آهي اهو انهي شناختي ڪارڊ تي رجسٽرڊ آهي يا نہ تہ جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻي جي شناختي ڪارڊ تي ٽوڪن جاري نہ ڪرائي سگهي. ٻي تصديق گاڏي جي نمبر پليٽ، صوبي ۽ تاريخ جي هوندي، جيتوڻيڪ هر صوبي جو ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ ۽ اسلام آباد، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان پنهنجي رجسٽريشن جي هڪ ڊيٽا رکن ٿا ان لاءِ هڪ ئي نمبر مختلف صوبن ۾ ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ ڊيٽا جي درست نشاندهي ضروري آهي تہ جيئن ڊيٽا لاڳاپيل کاتي کي فوري تصديق ٿي سگهي. ان اسڪيم تحت موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي تائين گاڏين جي مالڪن ۽ صارفين کي پيٽرول تي 100 روپيا في ليٽر رعايت فراهم ڪئي ويندي. موٽرسائيڪل ۽ چنگچي لاءِ ماهوار 20 ليٽر جڏهن تہ 800 سي سي تائين جي گاڏين لاءِ ماهوار 30 ليٽر رعايتي ڪوٽا مقرر ڪئي وئي آهي. رجسٽريشن لاءِ شهرين کي پنهنجي نالي تي رجسٽرڊ سم تان بنا ڊيش جي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر بنا اسپيس يا ڊيش جي گاڏي جو نمبر، صوبائي ڪوڊ ۽ رجسٽريشن جي تاريخ لکي REG سان 9771 تي ايس ايم ايس موڪلڻو پوندو. رجسٽريشن جي تصديق ڪانپوءِ جڏهن تہ پيٽرول وٺڻو هجي تہ شهري 9771 تي TOK لکي ٻارڻ جو ٽوڪن حاصل ڪري ڪندو، جنهن کي پيٽرول پمپ تي ڏيکاري تصديق ڪانپوءِ رعايتي ٻارڻ فراهم ڪيو ويندو ۽ وفاقي وزير اعتراف ڪيو تہ شروعاتي طور تي ڊيٽا داخل ڪرڻ ۾ شهرين کي ڪجهہ ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي، پر بوڪس رجسٽريشن ۽ ٻين جي گاڏين تي رليف جي غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ اها جاچ پڙتال ضروري آهي. هن واضح ڪيو تہ اسڪيم جو ڊجيٽل طريقيڪار ان انداز ۾ ڊزائين ڪيو ويو آهي تہ شهرين کي انٽرنيٽ يا سمارٽ فون جي ضرورت نہ پوي، پر سادي ايس ايم ايس ذريعي عام فون رکندڙ ماڻهو بہ هڪجهڙو فائدو وٺي سگهن. ان ڪانسواءِ پمپس تي ڪنهن بہ فني يا ڪنيڪٽوٽي جي مسئلي کي فوري حل ڪرڻ لاءِ هڪ مخصوص هيلپ لائين ۽ پيٽروليم واري وزارت جي تعاون سان ڊار سينٽر بہ مڪمل فعال ڪيو ويو آهي.

بقايا 02 ***

تہ ڊجيٽل معيشت پيداوار، واپار، طرز حڪمراني ۽ انساني ترقي جو اهم محرڪ بڻجي چڪي آهي. جڏهن تہ ايس سي او خطي ۾ تيز رفتار ترقي معياري روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ ترقياتي خال گهٽ ڪرڻ جو هڪ وڏو موقعو آهي. اهڙو اظهار وفاقي وزير سومر ڏينهن ارومچي ۾ ايس سي او ڊجيٽل اڪانومي فورم 2026 ع ۾ ڊجيٽل معيشت ۾ ايس سي او تعاون بابت وزارتي سطح جي بند ڪمري اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. احسن اقبال چين جي سرڪاري دوري تي آهي جتي هو فورم ۾ شرڪت ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ پاڪستان ڊجيٽل تبديلي کي پنهنجي قومي ترقياتي ايجنڊا جو مرڪزي حصو بڻايو آهي جڏهن تہ اي - پاڪستان اڏام پاڪستان جي پنجن بنيادي ٿنڀن ۾ شامل آهي. هن ڊجيٽل نيشن پاڪستان ايڪٽ 2025 پاڪستان ڊجيٽل اٿارٽي ۽ نيشنل اي آءِ پاليسي کي ڊجيٽل عوامي خدمتن، ڊيٽا تي ٻڌل پاليسي سازي ۽ ذميوارانہ مصنوعي ذهانت [illegible]

بقايا 03 ***

ڙو گهڻائي جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ حڪومت 20 سيپٽمبر جي اسلام آباد مارچ ۾ رنڊڪ وجهڻ کان پاسو ڪري، ٻئي صورت ۾ انهي جي ذميواري حڪومت مٿان هوندي. هن چيو تہ پيٽروليم ليوي جو مڪمل خاتمو جماعت اسلامي جو بنيادي مطالبو آهي، حڪومت طرفان ڏنل رليف پيڪيج خوشي جوڳو پر اڻپورو آهي. پنجاب اسيمبلي جي سامهون جماعت اسلامي جي ڌرڻي جي هنڌ تي پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو تہ سموري ملڪ ۾ پيٽروليم ليوي جي خلاف ڌرڻن جو تعداد 40 تي ويو آهي ۽ اڄ احتجاج جو 30 هون ڏينهن آهي. حافظ نعيم موجب ڌرڻا هڪ قومي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي جنهن ۾ عورتن سميت عوام جي شرڪت روزاني وڌي رهي آهي. هن چيو تہ حڪومت ڳالهين لاءِ وڌيڪ ڏينهن جو وقت گهريو آهي. ڳالهيون اڄ ٿين يا سڀاڻي جماعت اسلامي جو مطالبو چٽو آهي تہ پيٽروليم ليوي ختم ڪئي وڃي. حڪومت جو اهو چوڻ تہ ليوي ختم ڪرڻ جي صورت ۾ خرچ ڪيئن پورا ٿيندا قبول ڪرڻ جوڳو جواب نہ آهي. جو تہ جماعت اسلامي جي ڳالهين واري ٽيم ليوي جي متبادل سميت 6 تجويزون

وڃي. هن جو چوڻ هو تہ حڪومت جو اهو موقف صحيح نہ آهي تہ وياج جي شرح گهٽ ٿيڻ سان مهانگائي وڌندي. وياج مڪمل طور تي ختم ڪرڻو پوندو ۽ وياج جي شرح ۾ 3 سيڪڙو گهٽتائي سان حڪومت کي تقريبن 1700 ارب روپين جي ليوي گهٽ ڪرڻ جي گنجائش پيدا ٿي سگهي ٿي. هن چيو تہ اسٽيٽ بينڪ جي خودمختاري جو موجوده نظام حڪومتن ناهيو جماعت اسلامي انهي جي مخالفت ڪئي هئي. اسٽيٽ بينڪ جي گورنر ۽ ميمبرن جي مقرري حڪومت ئي ڪندي آهي. انهي جي لاءِ مڪمل طور تي خودمختار قرار ڏئي عوامي مطالبن کان بچي نٿو سگهجي. حافظ نعيم الرحمان وڌيڪ چيو تہ جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري رهندا. حڪومت سان بہ ڳالهيون ٿينديون رهنديون. 20 سيپٽمبر جي اسلام آباد مارچ جون تياريون مڪمل آهن. جماعت اسلامي اسلام آباد پهچي صرف احتجاج ڪري واپس نہ ايندي پر عوام کي رليف ڏيارڻ جي لاءِ پنهنجو احتجاج جاري رکندي. جماعت اسلامي پرامن پارٽي آهي ڪارڪن گرفتارين ۽ قربانين جي لاءِ تيار آهن. سمورين اپوزيشن پارٽين کي عوامي مسئلن تي متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي. پي ٽي آءِ سميت سمورين سياسي پارٽين کي آئيني، قانوني طور تي احتجاج جو حق ملڻ گهرجي.

بقايا 04 ***

مدد جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو تہ قيدين جي پي ٽي آءِ باني جيان طبي سهولتون ڏيڻ جي درخواستن تي ٻڌڻي وفاقي آئيني عدالت ۾ ٿي. عدالت اٽارني جنرل کي مدد جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو قيدين جي اپيلن تي ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. وفاقي آئيني عدالت ريمارڪس ڏنا تہ اهو قانون جي تشريح جو معاملو آهي، جسٽس عامر فاروق پڇاڻو ڪيو تہ پرائيويٽ اسپتال ڇو؟ پولي ڪلينڪ ۽ پمز اسپتال ۾ جو علاج نٿو ٿي سگهي. جسٽس علي باقر نجفي چيو تہ جيل مينول جو ڪهڙو فائدو اهو ڪيئن ثابت ڪري سگهي ٿو جيل مينول چٽو آهي. غير مساوي رويو نہ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن جيل مينول تي عمل ناهي ڪرڻو تہ جيل مينول جو ڪهڙو فائدو آهي. جنهن ڪان پوءِ وفاقي آئيني عدالت طبي سهولتن ڪيس جي ٻڌڻي سياڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 05 ***

هيو آهي. جيڪا پارليامينٽ آف سائوٿ آفريڪا ۽ ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (CPA) جي سائوٿ آفريڪا برانچ جي سهڪار سان ڪيپ ٽائون ۾ 13 کان 19 سيپٽمبر 2026 تائين منعقد ٿي رهي آهي. ڪانفرنس ۾ ڪامن ويلٿ جي مختلف ملڪن جي پارليامينٽن جا نمائندا شرڪت ڪري رهيا آهن. جتي پارلياماني معاملن، جمهوري نظام، قانونسازي، پارلياماني طريقيڪار ۽ گڏيل دلچسپي وارن مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهہ جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪندڙ سنڌ اسيمبلي جي وفد ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر عادل الطاف انڙ، جام شبير علي خان، مهيش ڪمار ملاڻي، محمد يوسف بلوچ، خرم ڪريم سومرو، سيد اعجاز شاهہ ۽ تنزيلا ام حبيبا شامل آهن. سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي. ايم. عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ وفد سان گڏ آهن. هن ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ سنڌ اسيمبلي جي وفد جي شرڪت سان پارلياماني رابطن جي فروغ، جمهوري قدرن جي استحڪام ۽ قانونسازي توڙي پارلياماني طريقيڪار بابت تجربن جي ڏي وٺ جا موقعا فراهم ٿيندا.

بقايا 06 ***

ختيارين موجب، اليڪشن ٽربيونل جي حڪم ۽ اليڪشن ايڪٽ 2017 جي سيڪشن 95 تحت پوسٽل بيلٽس جي ڳڻپ ڪئي وئي. ڳڻپ مان ظاهر ٿيو تہ عطا اللہ 6,618 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن تہ امام ملڪ 6,605 ووٽ حاصل ڪيا هئا. 7 جون تي ٿيل چونڊن ۾ پوسٽل بيلٽس جي ڳڻپ کان سواءِ امام ملڪ کي شروعاتي طور تي ڪٽندڙ قرار ڏنو ويو هو بعد ۾ استحڪام پاڪستان پارٽي (IPP) ۾ شامل ٿي ويو هو پيپلز پارٽي جي اميدوار عطا اللہ، اليڪشن ٽربيونل وٽ امام ملڪ جي ڪاميابيءَ واري نوٽيفڪيشن کي چئلينج ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ پوسٽل بيلٽس جي ٻيهر ڳڻپ ٿي. ڳڻپ ۽ تصديق جو عمل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، ريٽرننگ آفيسر فارم 49 جاري ڪندي اميدوارن جي ڪاميابيءَ جو اعلان ڪيو عطا اللہ جي ڪاميابيءَ سان، گلگت بلتستان اسيمبليءَ ۾ پيپلز پارٽي جي سيٽن جو تعداد وڌي 16 ٿي ويو آهي. نتيجي ۾ آيل هن تبديليءَ ڪانپوءِ گلگت بلتستان اسيمبليءَ ۾ استحڪام پاڪستان پارٽي جي ميمبرن جو تعداد [illegible]

بقايا 07 ***

پختو عزم ۽ پيشيوراڻي صلاحيت جي ترجماني آهي. بلوچستان جي وزيراعليٰ چيو تہ سيڪيورٽي فورسز مستونگ ۾ فتنہ الهندستان خلاف ڪارروائي دوران ڪمانڊر نقيب سميت ٽن دهشتگردن جو مارجي وڃڻ اسان جي ڪاميابي آهي. ڪارروائي دوران دهشتگردن جي گاڏي کي ڊرون ذريعي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو. مير سرفراز بگٽي چيو تہ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت، جرئت ۽ موثر ڪارروائي واکاڻ جوڳي آهي. دهشتگرد عنصرن خلاف اهڙيون ڪارروائيون ان عزم جو اظهار آهن تہ رياست امن دشمن قوتن کي بلوچستان ۾ پنهنجي ناپاڪ ارادن جي تڪميل جي اجازت نہ ڏيندي. وزيراعليٰ چيو تہ بلوچستان جو عوام دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي. امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي اهلڪارن جون قربانيون قوم لاءِ فخر جو سبب آهن ۽ حڪومت انهن قربانين کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿي. مير سرفراز بگٽي چيو تہ دهشتگردي خلاف جنگ فيصلائتي مرحلي ۾ آهي. دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروايون بنا رڪاوٽ جاري رهنديون.

۾ اسٽور ۾ موجود قيمتي سامان سڙي ويو اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ تي پهچي باهہ کي وسائي ڇڏيو هو ريسڪيو ٽيم جي ترجمان موجب باهہ بند پيل دڪان ۾ لڳي ۽ باهہ لڳڻ جو سبب معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. اسٽور جي مينيجر جو چوڻ آهي تہ اسٽور جي ڪولنگ تہ اندر باهہ لڳائي هئي.

بقايا 10 ***

ي جي 100 کان وڌيڪ مستحق خاندانن ۾ سولر سسٽم ۽ بيو سامان ورهايو ويو. ان سلسلي ۾ يو سي چيئرمين رئيس عقيل احمد مري جي ميزباني ۾ ڳوٺ مير حسن مري ۾ منعقد تقريب ۾ وائس چيئرمين مختيار علي جمالي، ضلعي ڪائونسل ميمبر رئيس شڪيل احمد مري، ڪائونسلرز عبدالڪريم مري ۽ عمران بروهي، رئيس علي مردان جمالي، رئيس سڪندر علي مري، رئيس اڪبر علي مري، سڪندر علي راڄڙ سميت ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي يو سي چيئرمين رئيس عقيل احمد مري، رئيس شڪيل احمد مري ۽ ٻين چيو تہ علائقي جي مستحق خاندانن کي بجلي جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ 700 سولر سسٽم مرحليوار ورهايا پيا وڃن. پهرين مرحلي ۾ 100 کان وڌيڪ خاندانن کي سولر سسٽم فراهم ڪيا ويا آهن جڏهن تہ باقي مستحق خاندانن ۾ بہ جلد سولر سسٽم ورهايا ويندا. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور عوام خاص طور تي غريب ۽ پورهيت طبقي جي خدمت ۽ سندن بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ آهي. سولر سسٽم جي فراهمي جو مقصد مستحق خاندانن کي بجلي جي مسئلن جي حل جي سهولت فراهم ڪندي سندن گهرن کي روشن ڪرڻ آهي. ٻئي پاسي سولر سسٽم حاصل ڪندڙ مستحق خاندانن يو سي قيادت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 11 ***

ٽ فارمن جي وڌندڙ استعمال سان صارفين جي ذاتي ڊيٽا ۽ رازداري جي تحفظ بابت سنگين سوال سامهون اچي ويا آهن. مختلف ايپس ۽ عالمي ڊجيٽل پليٽ فارمن طرفان صارفين جي آن لائين ۽ ڪجهہ آف لائين سرگرمين بابت وڏي پيماني تي معلومات گڏ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. هڪ تازي ويڊيو ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي تہ فيس بڪ ۽ گوگل جهڙا وڏا عالمي ڊجيٽل پليٽ فارم صارفين جي موبائل فون ۽ آن لائين سرگرمين مان مختلف قسمن جي ڊيٽا حاصل ڪن ٿا، جنهن ۾ براؤزنگ جي تاريخ، هنڌ، رابطي جا نمبر، فائلون، ڊوائيس بابت معلومات ۽ ٻيا ذاتي تفصيل شامل ٿي سگهن ٿا. بيان موجب صارفين کي ايپليڪيشنون استعمال ڪندي بار بار "قبول" يا "اجازت" ڏيڻ جو اختيار ڏنو ويندو آهي، پر عام طور تي صارف انهن اجازتن جي مڪمل نوعيت ۽ انهي جي ممڪن دائري کان واقف نہ هوندا آهن. هڪ ڀيرو اجازت ڏيڻ ڪانپوءِ لاڳاپيل ايپ کي هنڌ، رابطي جا نمبر، تصويرن ۽ ٻين ميڊيا فائلن، مائيڪروفون يا ڪجهہ ٻين معلومات تائين رسائي حاصل ٿي سگهي ٿي. ماهرن موجب جديد ايپليڪيشنون ۾ صارفين جي سرگرمين ۽ ترجيحن بابت معلومات گڏ ڪرڻ جا مختلف طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن. انهن معلومات ۾ صارف جي استعمال هيٺ ڊوائيس، ايپليڪيشن استعمال ڪرڻ جو انداز، هنڌ جا سگنل ۽ آن لائين سرگرمين بابت تفصيل شامل ٿي سگهن ٿا، جن کي مختلف مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو تازي دعويٰ ۾ فيس بڪ ۽ انسٽاگرام بابت چيو ويو آهي تہ اهي پليٽ فارم رڳو صارف جي آن لائين سرگرمين تائين محدود نٿا رهن، پر ڊوائيس بابت معلومات، ايپليڪيشن استعمال ڪرڻ جو انداز ۽ هنڌ بابت انگ اکر بہ مختلف ذريعن کان حاصل ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح گوگل جي مختلف خدمتن بابت دعويٰ ڪئي وئي آهي تہ صارفين جي گولا واري سرگرمين ۽ ڊگهي عرصي تائين هنڌ جي تاريخ بابت معلومات محفوظ ڪري سگهجي ٿي. جيڪا ڪجهہ صورتن ۾ ڪيترن ئي سالن تائين برقرار رکي سگهي ٿي. بيان ۾ اهو سوال بہ اٿاريو ويو آهي تہ دنيا ۾ مختلف ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ ايپليڪيشنن جا اربين ڀيرا ڊائون لوڊ ٿيڻ ۽ انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن جو انگ گهٽ هجڻ جي صورت ۾، هڪ ئي صارف طرفان ڪيترن ئي ڊوائيسن تي هڪ ئي يا ايپليڪيشن استعمال ڪرڻ سان وڌيڪ ٿيندڙ ڊيٽا ڪيترن حد تائين وڌي سگهي ٿي. ماهرن چيو آهي تہ صارفين کي ڪنهن بہ ايپليڪيشن کي اجازت ڏيڻ کان اڳ ضرور ڏسڻ گهرجي تہ اها ڪهڙي قسم جي معلومات تائين رسائي گهري رهي آهي ۽ ڇا اها اجازت ان ايپ جي بنيادي ڪم سان واسطو رکي ٿي يا نہ. غيرضروري اجازتن کي رد ڪرڻ ۽ رازداري سيٽنگن جي باقاعدگي سان جائزو وٺڻ ذاتي معلومات جي تحفظ لاءِ اهم آهي. ڊجيٽل پليٽ فارمن ذريعي صارفين جي ڊيٽا وڏي پيماني تي گڏ ڪرڻ جي حوالي سان هي بحث ٻيهر ان بحث کي جنم ڏنو آهي تہ صارفين جي ذاتي معلومات ڪيتري حد تائين محفوظ آهي. ان کي ڪهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ عام صارف کي پنهنجي ڊيٽا تي ڪيترو اختيار حاصل آهي.

بقايا 12 ***

تي منظوري، ماسٽر پلان، بلڊنگ ڪنٽرول ۽ سرڪاري توڙي عوامي هنڌن جي مبينا واپاري استعمال بابت جاچ جو دائرو وڌائڻ جون اطلاع آهن جاچ کان واقف هڪ آفيسر موجب مختلف شڪايتن، سرڪاري رڪارڊ ۽ وصول ٿيل بنياد تي ڪيترن ئي سياسي شخصيتن، بلڊرن، ڊولپرن، سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن جي معاملن جو جائزو ورتو پيو وڃي. ذريعن موجب ڪجهہ شڪايتون ۽ رپورٽون قومي احتساب بيورو (نيب)، وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي)، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين جاچ ادارن ڏانهن بہ پهچايون ويون آهن. جڏهن تہ ڪجهہ معاملن بابت رپورٽون عدالتن آڏو بہ پيش ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ ذريعن واضح ڪيو تہ ڪنهن شخص جو نالو ڪنهن شڪايت، رپورٽ يا جاچ رڪارڊ ۾ شامل هجڻ پاڻ ۾ ان خلاف ڏوهہ ثابت ٿيڻ جي برابر ناهي ۽

جاويد اوڪي، فيض محمد پالاري، سعيد غني، فياض الياس، ملڪ رياض، ملڪ علي، فريد، خالد يوسفي، لياقت آسڪاڻي، آدم جوکيو واسي حيدر، عمران صديقي، لالا رحيم، الطاف تائي، ارشد تائي، جميل سومرو حاجي احمد، سهيل بابو شاهد دراني، بن احسن بلڊرز، قيوم بلوچ، رفيق کهڙو ضياءِ ڪالا، آءِ ڊي ايس، علي خان، سجاد، ارشد رياض، اشرف باس، ڪاشف، امان العصر گروپ، عامر حسين ۽ سويرا بلڊرز سميت ٻين جا نالا شامل هجڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ذريعن چيو تہ انهن نالن سان لاڳاپيل معاملن جي نوعيت مختلف آهي ۽ هر فرد يا اداري بابت الزام يا شڪايت جي حيثيت هڪجهڙي ناهي. ڪجهہ نالا رڳو شڪايتن يا رڪارڊ ۾ حوالي طور سامهون آيا آهن. تنهن ڪري جاچ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بہ شخص کي ذميوار قرار نٿو ڏئي سگهجي. جاچ ذريعن موجب ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) سان لاڳاپيل موجوده ۽ اڳوڻن آفيسرن ۽ ملازمن جا نالا بہ مختلف شڪايتن ۽ رڪارڊ ۾ جاڙين هيٺ آيا آهن. انهن ۾ سيف عباس، صباح الاسلام، عدنان زيدي، همايون خان، افتخار نائچ، ڊاڪٽر انعام، فراز انور شيخ، عمير سڪندر/ عمير علي، عارف قاضي، ناصر رزاق، عدنان قريشي، گلزار ابڙو، سميرا حسن، سهيل احمد، فيصل رضوي، جمال اختر، تنوير حسين، عاصم حسين، جنيد اللہ، عباس شاهہ، مسرت علي خان، صالح نقوي، منهاج الحق، طاهر دراني، رضا، آفاق مرزا، امتياز بٽ، رضوي، ڪاشف ۽ اقبال پرويز سميت ٻين جا نالا شامل هجڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب ڪجهہ معطل يا برطرف آفيسرن جو اڳوڻو رڪارڊ بہ ٻيهر کوليو پيو وڃي. جنهن ۾ سندن دور ۾ زمينن بابت فائلن، اختيارن جي استعمال ۽ جاري ڪيل فيصلن جو جائزو ورتو پيو وڃي. جاچ دوران اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ لاڳاپيل فائل ڪهڙي آفيسر يا شعبي تيار ڪئي، ڪهڙي سطح تي منظوري ڏني وئي ۽ ڇا ان ۾ ڪنهن کي غيرقانوني فائدو پهچايو ويو يا نہ. جاچ دوران جيڪڏهن قابل اعتماد ثبوت سامهون آيا تہ ذميوار ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي جي سفارش ڪري سگهجي ٿي. ٻئي طرف ڪراچي جي مڪاني ۽ ترقياتي معاملن تي سياسي سرگرمين بہ تيز ٿيڻ جون اطلاع آهن. ذريعن موجب وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال ڪراچي جي مختلف معاملن بابت دستاويزن ۽ شاهدين جي بنياد تي پنهنجو موقف وڌيڪ واضح ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. جنهن ڪانپوءِ شهر جي زمينن، مڪاني ادارن ۽ ترقياتي منصوبن بابت سياسي بحث ۾ وڌيڪ شدت اچڻ جو امڪان آهي. شهري ۽ سماجي حلقن مطالبو ڪيو آهي تہ ڪراچي جي سرڪاري زمينن، پارڪن ۽ ٻين عوامي هنڌن بابت سمورن معاملن جي جامع فرانزڪ آڊٽ ڪرايو وڃي، لينڊ رڪارڊ جي مڪمل چڪاسڻ ڪئي وڃي ۽ الاٽمينٽ، لين، تعميراتي منظوري ۽ زمين جي استعمال ۾ تبديلي بابت معاملن جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي. انهن حلقن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن جاچ دوران ڪنهن فرد، آفيسر يا اداري خلاف قانون جي ڀڃڪڙي جا ثبوت ثابت ٿين تہ بنا فرق قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن تہ جن ماڻهن خلاف الزام ثابت نہ ٿين، انهن بابت بہ جاچ جو نتيجو واضح طور سامهون آندو وڃي، جيئن ڪنهن کي رڳو شڪايت يا رپورٽ ۾ نالو اچڻ جي بنياد تي ڏوهاري نہ سمجهيو وڃي.

بقايا 13 ***

مارچ ۽ احتجاج خلاف داخل درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر جي سربراهي ۾ ٽن رڪني لارجر بينچ ڪئي، جنهن ۾ جسٽس اعظم خان ۽ جسٽس آصف پڻ شامل هو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو آهي تہ ڪنهن بہ سياسي جماعت يا عوامي عهديدار کي اسلام آباد ۾ روڊ بند ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي جماعت پي ٽي آءِ طرفان وفاقي راڄڌاني ڏانهن امڪاني لانگ مارچ کان اڳ داخل درخواست تي عدالت اهو بہ حڪم ڏنو تہ چئني صوبن جا وڏا وزير يقيني بڻائين تہ سرڪاري مشينري ۽ فنڊ سياسي مقصدن لاءِ استعمال نہ ٿين. اڄ ٻڌڻي دوران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر خيبرپختونخوا جي آءِ جي ذوالفقار حميد کي مخاطب ٿيندي ريمارڪس ڏنا تہ جيڪڏهن ڪو غيرقانوني ۽ غيرآئيني ميڙ ڪوٺائي تہ ان کي روڪيو.

بقايا 14 ***

ويو آهي. ايران ۽ نارجي سٽن ملڪن جي پرڏيهي وزيرن کي عمان جي شهر صلالہ ۾ گڏ ٿيڻو هو جتي آبنائے هرمز مان ٿيندڙ سامونڊي ٽرئفڪ بابت خيالن جي ڏي وٺ ٿيڻي هئي. هفتيوار پريس بريفنگ دوران اسماعيل بقائي چيو تہ هي هڪ موقعو هو جيڪو ايران ۽ عمان فراهم ڪيو هو ۽ اميد هئي تہ خطي جا ملڪ ان جي اهميت کي سمجهندي ان مان فائدو وٺندا. هن چيو تہ اسان جي سمورن جائز خدشن باوجود هي مناسب موقعو هو تہ خطي جا ملڪ ٻاهرين ڌرين جي مداخلت کان پري رهي ڳالهين ۾ حصو وٺن. بقائي چيو تہ سندس خيال ۾ ڪانفرنس ملتوي ٿيڻ جو ذميوار ڊرامو تسليم ڪندي تہ ڪنهن بہ سبب، خاص طور خطي کان ٻاهرين ڌرين جي اثر رسوخ يا اهڙن بهانن جي بنياد تي جن جو ايران سان حقيقت ۾ ڪو تعلق ناهي اجلاس منعقد نہ ڪيو ويو. واضح رهي تہ ڪانفرنس ملتوي ٿيڻ کان اڳ، ايران ۽ عمان جي شرڪت اجلاس لاءِ نئين تاريخ جو اعلان ناهي ڪيو ويو. اجلاس ملتوي ڪرڻ جو اعلان گذريل رات عمان جي پرڏيهي وزير بدر البوسعيدي ڪيو هو. هوڏانهن بحرين اڳ ئي چئي ڇڪو هو تہ ايران جي موجودگي سبب هو ان اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪندو.

بقايا 15 ***

سي چئن ئي ضلعن ۾ قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت سڄاول، بدين ۽ ٺٽي ۾ 90 ڏينهن لاءِ پکين جي شڪار ۽ جار هڻڻ تي پابندي هوندي. وائلڊ لائيف کاتي موجب ٿڌن ملڪن مان هجرت ڪري آيل پکين کي جهلڻ لاءِ جار هڻڻ تي مڪمل بندش آهي ۽ پکين کي پڪڙڻ يا انهن جي ڪاروبار بابت ڪنهن کي بہ اجازت نامو جاري ناهي ڪيو ويو. ياد رهي تہ ان پابنديءَ جو اطلاق 13 سيپٽمبر 2026 ع کان 11 ڊسمبر 2026 ع تائين

موجب گرفتار جوابدار گينگ وار جي سرغني ڪاشف دادا جو ڀاءُ آهي. ڪاشف دادا جي ملڪ مان فرار ٿيڻ بعد جوابدار نصير پاڪ ڪالونيءَ ۾ گينگ هلائي رهيو هو جوابدارن جو گروهہ ڪاشف دادا جي چوڻ تي روزانو لکين روپين جي منشيات وڪرو ڪندو آهي. جڏهن تہ جوابدار نصير ڪجهہ ڏينهن اڳ مخالف گروهہ جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ بہ ملوث رهيو آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ ڪاشف دادا گينگ خلاف پاڪ ڪالوني پوليس جو ڪيترين ئي ڏينهن کان آپريشن جاري آهي.

بقايا 18 ***

بہ طرح پيش ڪري سگهي ٿي، تنهن هوندي بہ، مختلف پارٽين تي مشتمل هڪ ڪميٽي ناهي وئي، جنهن ۾ سيني پارٽين جي ميمبرن شرڪت ڪئي. ايم ڪيو ايم ڪميٽي ۾ بل جي سيني شقن جي حمايت ڪئي ۽ هاڻي، اسيمبلي ۾ اچي، اهو پنهنجي موقف تان واپس هليو ويو آهي. جيڪو ايم ڪيو ايم جي پراڻي روايت آهي. سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي کان پوءِ قانون ۽ گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ ايم ڪيو ايم پنهنجي ئي اڳواڻ کان بغاوت ڪئي آهي. ڪمال ماضي ۾ خالد مقبول صديقي کي را جو ايجنٽ سڏيو هو، اڄ مصطفيٰ ڪمال ساڳئي شخص جي ماتحت ڪم ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن سندس ماضي جو بيان غلط هو تہ مصطفيٰ ڪمال کي اچي معافي وٺڻ گهرجي. هن چيو تہ بل ۾ ڪا بہ وڏي ترميم نہ ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن مڪاني ادارن جي مدت ختم ٿي وڃي تہ حڪومت ڪنهن کي بہ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي. جڏهن تہ، اسان مقامي ادارن جي نظام جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سنڌ جي سينئر وزير چيو تہ ايم ڪيو ايم جو منافقت وارو اهو رويو آهي تہ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي ذميواري مقامي ادارن کي ڏني وڃي، جڏهن تہ پوليس بہ مقامي ادارن جي چونڊيل نمائندن کي جوابده هوندي. هن چيو تہ پنجاب حڪومت کي اليڪشن ڪميشن پاران حڪم ڏنو ويو هئا، پر پنجاب حڪومت اليڪشن ڪميشن جي حڪم کي نظر انداز ڪيو جڏهن تہ سنڌ حڪومت اليڪشن ڪميشن جي حڪمن تي عمل ڪري ٿي. ٻين صوبن جي مقابلي ۾، سنڌ ۾ مڪاني ادارن کي وڌيڪ اختيار آهن هن چيو تہ ايم ڪيو ايم گذريل ڏينهن ۾ چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو قانون ۽ گهرو معاملن واري وزير ضياءَ الحسن لنجار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل اڄ ايجنڊا تي هو ۽ هن بل بابت اسيمبلي ۾ هڪ خاص ڪميٽي ناهي وئي هئي، جنهن ۾ ايم ڪيو ايم، پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي سميت مختلف پارٽين جا ميمبر شامل هئا. هن چيو تہ جيڪڏهن انهن پارٽين کي بل تي اعتراض هئا تہ انهن کي ڪميٽي ۾ ئي ان جي مخالفت ڪرڻ گهرجي ها. ڪميٽي ۾ بل جي هر شق تي تفصيلي بحث ٿيو ميمبرن پنهنجون تجويزون پيش ڪيون ۽ حڪومت انهن جي تجويزن کي قبول ڪيو ضياءَ الحسن لنجار چيو تہ سنڌ حڪومت مڪاني ادارن جي مدت ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ اليڪشن ڪميشن کي خط لکندي تہ مڪاني ادارن جي مدت ختم ٿيڻ واري آهي، تنهن ڪري چونڊن لاءِ تياريون ڪيون وڃن. جيئن ئي اليڪشن شيڊول جاري ٿيندي، چونڊيل نمائندا جا اختيار ضبط ڪيا ويندا ۽ باقي اختيار اليڪشن ڪميشن ۽ ريٽرننگ آفيسرن کي ڏنا ويندا. ايم ڪيو ايم جي مطالبو ڪيو هو تہ هي عرصو 90 ڏينهن رکيو وڃي، اسان چيو تہ ان کي 120 ڏينهن تائين وڌائڻ ضروري آهي تہ جيئن چونڊن جي تياري لاءِ مناسب وقت ملي. قانون واري وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو تہ اسان چاهيون ٿا تہ مڪاني ادارن جي نظام جو تسلسل برقرار رهي ۽ اسان اها ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ مقامي حڪومت جون چونڊون وقت تي ڪرايون وڃن. هن چيو تہ حڪومت ڊپٽي ميئر ۽ وائيس چيئرمين کي ڪنوينر قرار ڏنو آهي، اسان چيئرمين کي اختيار ڏئي رهيا آهيون ۽ پوليس بہ سندس اختيار تسليم ڪندي. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کي بل تي ڪا اعتراض هجي ها تہ اهو ان جو بائيڪاٽ نہ ڪري ها. پر انهن جو رويو غير جمهوري هو مون اڳ ئي مخالف ڌر جي اڳواڻن کي سيني معاملن بابت آگاهہ ڪيو هو ضياءَ الحسن لنجار چيو تہ اهي ماڻهو وڃي پيا آهن ۽ اسان اڃا تائين پيچي رهيا آهيون. هن چيو تہ مصالحتي ڪميٽين کي بہ اختيار ڏنا ويا آهن، ان ۾ ڪهڙي بدنيتي آهي؟ هن واضح ڪيو تہ حڪومت جو مقصد مقامي حڪومتي ادارن کي وڌيڪ اثرائتو ۽ بااختيار بڻائڻ ۽ جمهوري تسلسل برقرار رکڻ آهي.

بقايا 19 ***

، سنڌ ۽ بلوچستان جي صوبائي حڪومتن کي خط لکندي تنهي صوبن کان گڏيل طور تي ساڍا 23 هزار پوليس اهلڪار طلب ڪيا ويا. ڪابينہ ڊويزن صوبن کان پوليس اهلڪارن جي دستيابي ۽ مقرري لاءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن موجب پنجاب مان 15 هزار، سنڌ مان 8 هزار، بلوچستان مان 500 پوليس اهلڪار اماڻيا ويندا. تنهي صوبن جي پوليس اهلڪارن کي 20 سيپٽمبر تائين اسلام آباد مقرر ڪيو ويندو.

بقايا 20 ***

وس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو تہ حڪومت جي پهرين ترجيح صارفين کي سستي اٽي جي فراهمي يقيني بڻائي رليف ڏيڻ آهي. هن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ڪڻڪ جا اسٽريٽجڪ ذخيرا، وقت تي خريداري، مارڪيٽ ۾ اثرائتي مداخلت ۽ ذخيرہ اندوزي خلاف سخت ڪارروائي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ صارفين کي هٿرادو کوٽ ۽ قياس آرائي واري عملن کان بچائڻ ۾ مدد ڪندي. هن خوراڪ کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي تہ ذخيرہ اندوزن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون وڃن، ضبط ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ کي کڻڻ ۽ منتقل ڪرڻ واري عمل کي تيز ڪيو وڃي ۽ رليز پروگرام شروع ٿيڻ کان گهڻو اڳ سمورو خريداري ۽ لاجسٽڪ انتظام مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن مڪيش ڪمار چاولا، جام خان شورو ۽ گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار شرڪت

جي منصوبن ۽ درآمدي انتظامن بابت تفصيلي جائزو پيش ڪيو ويو. ضبط ٿيل ڪڻڪ جو اسٽاڪ: وڏي وزير کي آگاهہ ڪيو ويو تہ صوبي ۾ ڪل 226,918 ميٽرڪ ٽن (MT) ڪڻڪ ضبط ۽ مفاهمت ڪئي وئي آهي. ان مان 57,122 ميٽرڪ ٽن فلور ملن ۾ موجود آهي ۽ کڻڻ لاءِ تيار آهي، جڏهن تہ 169,796 ميٽرڪ ٽن غير قانوني اسٽاڪ رکندڙ واپارين ۽ ذخيرہ اندوزن کان ضبط ڪيو ويو آهي. عملدارن چيو تہ 25,365 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ تي اڃا تائين مقدمو هلي رهيو آهي. جنهن ڪري 144,431 ميٽرڪ ٽن کڻڻ لاءِ موجود آهي. هيستائين 59,223 ميٽرڪ ٽن خريداري ۽ ذخيرو ڪرڻ وارين سهولتن تائين منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ 85,208 ميٽرڪ ٽن اڃا کڻڻو باقي آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ خوراڪ کاتي اڳ ۾ ئي کنيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي عيوض 2.855 ارب رپيا ادا ڪري ڇڏيا آهن. ضلعي وار هدايت ڪئي تہ فلور ملز سان ويجهي رابطي ۾ رهي تہ جيئن ڪڻڪ جاري ٿيڻ ڪانپوءِ پيهڻ کي آسان ۽ اٽي جي پيداوار کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جاري رکڻ کي يقيني بڻائي سگهجي. ڪڻڪ جي دستيابي جي صورتحال: اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ ڪڻڪ جو ڪل دستياب اسٽاڪ، جنهن ۾ باقي بچيل اسٽاڪ، موجوده خريداري ۽ منتقل ٿيل ضبط ٿيل ڪڻڪ شامل آهي، صوبي جي رپورٽ ۾ تقريبن 303,829 ميٽرڪ ٽن آهي. ڪراچي وٽ 119,534 ميٽرڪ ٽن دستياب اسٽاڪ سان گڏ سڀ کان وڏي پوزيشن آهي، ان ڪانپوءِ لاڙڪاڻو 61,871 ميٽرڪ ٽن ۽ حيدرآباد 54,559 ميٽرڪ ٽن سان گڏ آهي. عملدارن وڏي وزير کي وڌيڪ ٻڌايو تہ ڪراچي لاءِ 130,000 ميٽرڪ ٽن پاسڪو ڪڻڪ ۽ 300,000 ميٽرڪ ٽن درآمد ٿيل ڪڻڪ جو منصوبو خاص طور تي آهي، جڏهن تہ حيدرآباد، شهيد بينظير آباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن لاءِ پاسڪو جون اضافي الاٽمينٽون مقرر ڪيون ويون آهن. اجلاس کي خطاب ڪندي مراد علي شاهہ زور ڏنو تہ فوڊ سيڪيورٽي (غذائي تحفظ) ۽ صارفين کي رليف ڏيڻ صوبائي حڪومت جي اعليٰ ترين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو تہ اسان يقيني بڻائينداسين تہ سڄي سنڌ ۾ ڪڻڪ جو گهربل اسٽاڪ موجود هجي ۽ صارفين کي سستي قيمت تي اٽو ملي. هن وڌيڪ چيو تہ حڪومت عوام کي غيرضروري قيمت ۾ واڌ کان بچائڻ لاءِ جڏهن بہ ضرورت پوندي مارڪيٽ ۾ مداخلت ڪندي رهندي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي تہ موجوده سموري ضبط ٿيل ڪڻڪ جي کڻڻ جو عمل جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي، پاسڪو سان خريداري جي انتظامن کي تيز ڪيو وڃي، ڪڻڪ جي درآمد ۽ ان سان لاڳاپيل لاڳت تي ويجهڙائي سان نظر رکي وڃي، ضلعي انتظاميا ۽ فلور ملن سان رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي. سخت انتظامي قدمن ذريعي ذخيرہ اندوزي ۽ مارڪيٽ ۾ هٿرادو قيرفار کي روڪيو وڃي، ۽ ڪڻڪ جي اسٽاڪ، رليز ۽ ورڇ جو هڪ جامع مانيٽرنگ سسٽم برقرار رکيو وڃي. مراد شاهہ چيو تہ صوبائي حڪومت اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ، غذائي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ عوام لاءِ ڪڻڪ جي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ اڳواٽ فعال قدم کڻندي رهندي.

بقايا 21 ***

قرار ڏيڻ واري درخواست باضابطہ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪئي وئي آهي. وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ قائم 3 رڪني بينچ سهيل آفريدي جي بطور وزيراعليٰ نااهلي بابت شير افضل مروت پاران داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار شير افضل مروت پاڻ دلائل ڏيندي موقف اختيار ڪيو تہ وزيراعليٰ پنهنجي مرضيءَ سان استعيفا ڏيندو آهي، علي امين گنڊاپور رضامنديءَ سان استعيفا ناهي ڏني. پر زبردستي بانيءَ پي ٽي آءِ جي چوڻ تي ڪانس استعيفا ورتي وئي آهي. سپريم ڪورٽ پنهنجي حڪمن ۾ قرار ڏئي چڪي آهي تہ نااهل شخص رياستي معاملن نٿو هلائي سگهي. شير افضل مروت پاران داخل ڪيل درخواست ۾ علي امين گنڊاپور جي بطور وزيراعليٰ بحاليءَ جي بہ استدعا ڪئي وئي آهي. آئيني عدالت درخواست باضابطہ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي خيبر پختونخوا حڪومت ۽ وزيراعليٰ سهيل آفريديءَ کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. وفاقي آئيني عدالت عدالتي ساهتا لاءِ اٽارني جنرل کي بہ نوٽيس جاري ڪري ڪيس جي ٻڌڻي آڪٽوبر جي ٻئي هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 22 ***

۽ 800 سي سي تائين جي گاڏي جي مالڪن کي في ليٽر 100 روپيہ سستي پيٽرول جي فراهمي لاءِ جديد ترين ڊيجيٽل سسٽم کي فعال ڪيو ويو آهي. آءِ ٽي واري وزارت وزيراعظم پاڪستان جي عوامي عزم ۽ سخت اقتصادي حالتن ۾ پورهيت طبقي کي رليف ڏيڻ جي هدايتن تي عمل ڪندي صوبائي کاتن نادرا ۽ ٽيليڪام آپريٽرز جي تعاون سان هڪ گڏيل ۽ محفوظ ڊجيٽل سسٽم تيار ڪيو آهي. انهي خصوصي اسڪيم جو مقصد موٽر سائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي تائين جي گاڏي جي مالڪن کي مهانگائي پيٽرول جي بار کان بچائڻ ۽ شفاف طريقي سان سبسڊي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي. انهي اسڪيم تحت مستحق شهرين کي في ليٽر پيٽرول تي 100 روپين جي رعايت ڏني ويندي. موٽر سائيڪل ۽ چنگچي لاءِ ماهوار 20 ليٽر، جڏهن تہ 800 سي سي تائين جي گاڏين لاءِ ماهوار 30 ليٽر رعايتي پيٽرول جي حد مقرر ڪئي وئي آهي. صوبائي ٽرانسپورٽ ۽ ايڪسائيز کاتن جي شعبن سان گاڏين جي تصديق جو عمل مڪمل طور تي خودڪار بڻايو ويو آهي.

بقايا 23 ***

ارا بلوچستان ۾ "فتنہ الهند" گروپ خلاف سخت آپريشن ڪري رهيا آهن. ٻن الڳ الڳ ڪارروائين ۾ هڪ ڪمانڊر سميت 9 دهشتگرد مارجي ويا آهن. سيڪيورٽي ذريعن موجب، مستونگ ۾ هڪ آپريشن دوران "فتنہ الهند" گروپ جي گاڏي کي ڪواڊ ڪاپٽر ذريعي نشانو بڻايو ويو، ان دوران ڪمانڊر نقيب سميت 3 دهشتگرد مارجي ويا ۽

مارجي ويل دهشتگردن جو تعلق هڪ پابندي مڙهيل تنظيم سان ٻڌايو پيو وڃي ۽ انهن وٽان هٿيار ۽ بارود پڻ هٿ ڪيو ويو. سي ٽي ڊي ترجمان چيو تہ مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز ۽ شهرين تي ٿيندڙ حملن ۾ ملوث هئا.

بقايا 24 ***

دي، ۽ اها بہ ٿي ممڪن آهي تہ جنگ نومبر جي مڊٽرم يا وچين مدتي چونڊن کان فوري طور پوءِ پڄاڻيءَ تي پهچي. امريڪي صدر موجب ايران معاهدو ڪرڻ چاهي ٿو ۽ مسلسل رابطا ڪري رهيو آهي، پر ايران سان اهڙو ڪو بہ معاهدو نہ ڪيو ويندو جيڪو اسان جي مفاد ۾ نہ هجي. ٽرمپ وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن خليجي ملڪ ايران سان ملاقاتون ڪن ٿا تہ کيس ڪو بہ اعتراض ناهي، اهو انهن جو پنهنجو ذاتي فيصلو آهي. امريڪي صدر جو چوڻ هو تہ ايران جنگ ختم ٿيندي ئي پيٽرول جي قيمتن ۾ تيزي سان لاٿ ايندي.

بقايا 25 ***

ي ۽ جو وقت هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي. بونير ۾ پنهنجي رهائشگاهہ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو تہ پي ٽي آءِ جا ڪارڪن پرامن طريقي سان اسلام آباد ايندا، اسان جمهوريت ۽ ملڪ بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون. بئرسٽر گوهر چيو تہ پي ٽي آءِ جو وزيراعليٰ پرامن ۽ آئين ۽ قانون موجب اسٽريٽ موومينٽ ڪندي. پنجاب حڪومت، خاص طور رانا ثناءاللہ وزيراعليٰ جي رستي ۾ رڪاوٽون نہ وجهي. هن چيو تہ سياسي ڪشيدگي گهٽائڻ لاءِ مفاهمت ۽ بهتر قدمن جي ضرورت آهي، باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جي اجازت ڏني وڃي. اختلافي راءِ جي قدر ڪرڻ جمهوريت جو حصو آهي، حڪومت سخت قدمن بجاءِ مفاهمت ڏانهن وڌي.

بقايا 26 ***

ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام لاءِ روڊن تي نڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ڪراچي ۾ عورتن جي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي خالد مقبول صديقي چيو تہ ڪراچي ۽ لاهور سميت سڄي ملڪ ۾ نوان صوبا قائم ٿيڻ گهرجن. نون صوبن جو مطالبو سندن منشور ۾ شامل آهي. هن چيو تہ ايوانن هجن يا جلسا، هر هنڌ صوبن جي ڳالهہ ڪئي آهي. هاڻي روڊن تي نڪرنداسين جتي آبادي وڌي آهي، اتي صوبا قائم ٿيڻ گهرجن. ايم ڪيو ايم جي چيئرمين وڌيڪ چيو تہ متحده پهرين ڏينهن کان هڪ ئي ۽ هڪ ئي رهندي، ايندڙ هفتي روڊن تي نڪرنداسين ۽ عورتون بہ ساڻ هونديون. سندس چوڻ هو تہ صوبن جي ورهاست وارو معاملو مخالف ڌر ۾ ڦاٽ کڻي آيو آهي، جيڪي صوبن جي ورهاست تي غداري جا نعرا هڻن ٿا، اهي پاڻ غدار آهن.

بقايا 27 ***

ن تہ نڪاح واري تقريب ۾ اربين روپين جا زيور پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل آهن. ماهنور صفدر نڪاح لاءِ مشهور پاڪستاني ڊيزائنر ندا اظهر جو تيار ڪيل خوبصورت آئيوري رنگ جو لباس پاتو، ڪنوار گهرن رنگن جي بجاءِ هلڪي ۽ ڪلاسڪ آئيوري رنگ جي چونڊ ڪئي جنهن نڪاح جي نجي ۽ سادي تقريب لاءِ انهي جي لُڪ کي وڌيڪ خوبصورت بڻايو. ماهنور جو برائيڊل ميڪ اپ لاهور سان تعلق رکندڙ ميڪ اپ آرٽسٽ سحرش ڪيو. ڪنوار لاءِ نرم ۽ قدرتي ميڪ اپ لُڪ جي چونڊ ڪئي وئي جڏهن تہ هن وارن کي کليل رکيو. ماهنور صفدر پنهنجي آئيوري لباس سان گڏ ڊائمنڊ جيولري جي چونڊ ڪئي جنهن انهي جي نڪاح لُڪ کي وڌيڪ نمايان ڪيو. رپورٽن موجب ماهنور صفدر پنهنجي نڪاح تي مشهور جيولري برانڊ مواد جو تقريبن 15 ملين ڊالر (4.2 ارب پاڪستاني روپيہ) ماليت جو نيڪلس پاتو جنهن ۾ 62.34 قيراط جو فينسي انٽينس ييلو ڊائمنڊ لڳل آهي ۽ انهي جي چوڌاري [illegible] رنگ جا هيرا لڳل آهن.

بقايا 28 ***

ڳالهين جي دعوت ڏئي چڪو آهي. ٻڌايو وڃي ٿو تہ ويهي ڳالهہ ٻولهہ ڇو نٿي ڪئي وڃي. هن چيو تہ ڪيس گرفتارين بابت ڪا ڄاڻ ناهي. سياسي ڌرين کي ويهي ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. مسئلن جو حل لانگ مارچ ۾ نہ پر ڳالهين ۾ آهي. وزيراعظم جي سياسي معاملن واري صلاحڪار وڌيڪ چيو تہ جنيد اڪبر جيڪو ڪجهہ چيو هو تہ ان ۾ رد گرفتارين، پر مون وٽ گرفتارين بابت ڪا ڄاڻ ناهي. سندس چوڻ هو تہ سياسي ڌرين کي مسئلن بابت گڏ ويهي ڳالهائڻ گهرجي، وزيراعظم جي پيرا مخالف ڌر جي بينچن وٽ وڃي چئي چڪو آهي تہ ويهي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. هن چيو تہ شهباز شريف اهو بہ چيو آهي تہ مون کي بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ويهي ڳالهہ ڇو نٿي ڪئي وڃي، اسان جي بہ وزيراعظم جي ڳالهين واري آڇ ۾ ڪا کوٽ آهي يا ٻئي ڌر جو ڪو مسئلو آهي. رانا ثناءاللہ چيو تہ سياسي ڌرين کي پاڻ ۾ ويهي ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. جڏهن تہ 27 سيپٽمبر واري احتجاج بابت ڪجهہ ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن.

بقايا 29 ***

جڏهن تہ 5 رپيا ڪاربنائيزيشن ليوي شامل آهي، اهي ٽيڪس سڌوسنئون وفاقي حڪومت وٽ وڃن ٿا. هن ٻڌايو تہ شهباز حڪومت ڏائي سالن ۾ ليويءَ جي مد ۾ 3 هزار 137 ارب رپيا وصول ڪري چڪي آهي، جڏهن تہ صرف گذريل مالي سال ۾ حڪومت 1 هزار 567 ارب رپيا پيٽروليم ليوي جي مد ۾ وصول ڪيا آهن. جماعت اسلامي وڌيڪ چيو تہ وصول ڪيل ليوي ٽيڪس پنهنجي اصل حد کان 99 ارب رپيا وڌيڪ هو. هن وران سال پيٽروليم ليوي جو حدف 1 هزار 676 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ حڪومت 2010 ع کان پوءِ پاڪستانين کان ساڍا 8 هزار ارب رپيا ليوي ٽيڪس جي مد ۾ وصول ڪري چڪي آهي. جماعت اسلامي حڪومت سان مذاڪرات دوران پيٽروليم ليوي جي خاتمي لاءِ 6 متبادل تجويزون ڏنيون آهن.

بقايا 30 ***

) جي دستي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو لبنان جي گهرو

وڃايا ويا. احمد الحجار پريڊ جو معائنو ڪيو ۽ پوليس اهلڪارن جي نظم ۽ ضبط ۽ پيشيوراڻي معيار کي ساراهيندي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ اهلڪارن ۾ انعام ورهايا. ان موقعي تي آءِ جي ايف سي رياض نذير گاڙا، آءِ جي اسلام آباد پوليس علي ناصر رضوي ۽ ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 31 ***

ن روپيا لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، 3800 روپين جي لاٿ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 53 هزار 336 روپين جو ٿي ويو آهي. ان ڪانسواءِ 10 گرام سون 3258 روپين جي گهٽتائي سان 3 لک 88 هزار 662 روپين جو ٿي ويو. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 38 ڊالر سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 4308 ڊالرن جو ٿي ويو آهي.

بقايا 32 ***

بي شادي ڪري ڇڏي. برطانوي اخبار ڊيلي ميل جي رپورٽ موجب، 52 ورهين جي ايوارڊ يافتہ فلم پروڊيوسر جمائما گولڊ سمٿ گذريل هفتي جي آخر ۾ 62 ورهين جي ڪيمرون او ريلي سان شادي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي وئي. رپورٽ موجب، ڊيلي ميل آن سنڊي مئي ۾ انڪشاف ڪيو هو تہ هڪ سال جي رومانوي لاڳاپن ڪانپوءِ ٻنهي جي مڱڻي ٿي هئي. آئرش نسل سان تعلق رکندڙ آسٽريلوي ڪيمرون او ريلي مرحوم ميڊيا ٽائيڪون ۽ عالمي رگبي اسٽار سر اينٿوني او ريلي جو پٽ آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪندڙ ڪيمرون پنهنجي ڪيريئر جو هڪ حصو پنهنجي پيءُ جي ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائيندي گذاريو جنهن ۾ انڊيپينڊنٽ نيوز اينڊ ميڊيا ۽ آسٽريليا جو اشاعتي ادارو اي پي اين نيوز اينڊ ميڊيا شامل آهن. ان ڪانپوءِ هن خانگي سيڙپڪاري واري شعبي ۾ قدم رکيو ۽ 2000 ع ۾ اي پي اين نيوز اينڊ ميڊيا جي چيف ايگزيڪيوٽو جو عهدو ڇڏي ڏنو. ڪيمرون 2003 ع ۾ خانگي سيڙپڪاري فنڊ بيارڊ ڪيپيٽل قائم ڪيو ۽ سوئٽزرلينڊ جي ميٽرنگ ڪمپني لينڊس اينڊ گائر حاصل ڪئي، جنهن جو هو چيف ايگزيڪيوٽو پڻ رهيو بعد ۾ 2011 ع ۾ توشيبا اها ڪمپني 2.3 ارب ڊالرن ۾ خريد ڪئي.

بقايا 33 ***

مير انڪشاف ڪيو آهي تہ کيس ڌمڪيون ڏنيون ويون ۽ ٻن ڏينهن تائين موٽرسائيڪل تي سندس پيڇو ڪيو ويو. ڊاڪٽر سميرا پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو تہ کيس چيو ويو تہ جيڪڏهن هوءَ پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ آپگهات لکي تہ مٿس "هلڪو هٿ" رکيو ويندو جڏهن تہ عوامي سطح تي بہ سندس خلاف مهم هلائي پئي وڃي. هن چيو تہ مير رضا قتل ڪيس لاءِ هن پنهنجو ڪيريئر داءَ تي لڳايو آهي ۽ هي ڪيس سندس لاءِ ٽيسٽ ڪيس آهي. ڊاڪٽر سميرا جو چوڻ هو تہ کيس پنهنجي نہ، پر پنهنجي خاندان جي ڳڻتي آهي. ڊاڪٽر سميرا ڪميشن کي ڌمڪين واري معاملي بابت اين سي سي آءِ اي ۾ شڪايت بہ داخل ڪرائي ڇڏي آهي. ڪميشن ڊاڪٽر سميرا کان پڇيو تہ ڇا کيس سيڪيورٽي جي ضرورت آهي؟ جنهن تي هن چيو تہ کيس پوليس سيڪيورٽي گهربل آهي. ڪميشن جي سربراهہ جسٽس عمر سيال چيو تہ هو رينجرز سيڪيورٽي لاءِ هدايت جاري ڪري ڇڏيندا، جنهن تي ڊاڪٽر سميرا ٻيهر چيو تہ کيس سيڪيورٽي جي ضرورت ناهي.

بقايا 34 ***

ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. پوليس موجب، اڃا تائين ڪو بہ ماڻهو (مدعي طور) سامهون نہ آيو آهي ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. ان دوران، مير رضا جي والد مير حسين، پنهنجي والده ۽ ڀيڻ سان گڏ جماعت اسلامي پاران منعقد ڪيل ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي، جتي پارٽي جي ڪراچي جي چيف منعم ظفر ۽ ٻين سندن آجيان ڪئي. ڌرڻي جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي مير حسين چيو تہ موجوده نظام ان مرحلي تي پهچي چڪو آهي جتي اهو ڏوهارين جي پشت پناهي ڪري ٿو؛ اهوئي نظام جنهن خلاف اهي وڙهي رهيا آهن. پنهنجي سموري مشينريءَ سان سندن مخالفت ۾ بيٺل آهي.

بقايا 35 ***

جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ جي مطالبي سان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نظرثاني درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. عدالت ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ مير رضا جي قتل جي معاملي جي مڪمل حقيقت اڃا سامهون نہ آئي آهي. موجوده جاچ جي بجاءِ غيرجانبدار جائزو وٺڻ ضروري آهي. درخواستگذارن موجب ڪيس جي جاچ دوران پوليس طرفان ڪجهہ جاچ وارين ڪوتاهيون پاڻ بہ تسليم ڪيون ويون آهن. تنهن ڪري معاملي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ ضروري آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي تہ ڪيس سان لاڳاپيل موجوده رڪارڊ ۾ ڪيترين ئي جاچ طلب ڳالهين جو ٻيهر جائزو وٺڻ ضروري آهي، جڏهن تہ ڪجهہ اهم حقيقتون عدالتي فيصلي ۾ نظرانداز ٿي ويون آهن. درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو تہ انهن حقيقتن کي سامهون رکڻ ڪانسواءِ مير رضا جي قتل جا اصل محرڪ ۽ واقعي جي مڪمل حقيقت تائين پهچڻ ڏکيو آهي. مقتول جي والدين طرفان داخل ڪيل نظرثاني درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي آهي تہ ڪيس جي موجوده رڪارڊ جو ٻيهر جائزو ورتو وڃي ۽ انهن نقطن کي بہ نظر ۾ رکيو وڃي، جيڪي اڳوڻي عدالتي ڪارروائي دوران مڪمل طور سامهون نہ اچي سگهيا هئا. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ مير رضا جي قتل جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شفاف، غيرجانبدار ۽ قابل اعتماد هجڻ گهرجي. درخواستگذارن موجب مختلف پاسن جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ۽ موجود سمورين شاهدين جو ٻيهر جائزو وٺڻ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ ضروري آهي. جيئن ڪنهن بہ اهم پهلو کي نظرانداز ڪرڻ کان بچائي سگهجي، والدين عدالت کان استدعا ڪئي آهي تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجي اڳوڻي فيصلي تي نظرثاني ڪري ۽ ڪيس جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو حڪم جاري ڪري.

بقايا عوامي سوچ 01

ل انتظاميا، استادن ۽ نياڻين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اسڪول ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي، بجلي يا سولر سسٽم جي سهولت موجود نه هجڻ سبب خاص طور تي معصوم نياڻين کي سخت تڪليف پيش اچي رهي آهي. جڏهن ته باٿ روم جي مناسب سهولت نه هجڻ پڻ هڪ اهم مسئلو بڻيل آهي. ان کان علاوه استادن لاءِ ڪرسيون ۽ ميزون جڏهن ته شاگردياڻين لاءِ ڊيسڪون پڻ گهربل تعداد ۾ موجود ناهن. اسڪول جي مختلف ڪلاسن جي دروازن ۽ درين جي مرمت جي پڻ سخت ضرورت آهي. اسڪول انتظاميا ۽ شاگردياڻين وزير تعليم سنڌ سيد سردار شاهه، سيڪريٽري تعليم ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مذڪوره اسڪول کي SSBبجيٽ ۾ نظرانداز ڪرڻ جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ تعليم کاتي جي بجيٽ مان اسڪول جون بنيادي ضرورتون هنگامي بنيادن تي پوريون ڪيون وڃن. هنن چيو ته نياڻين کي بهتر ۽ محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ صاف پاڻي، بجلي، باٿ روم، فرنيچر ۽ ڪلاسن جي مرمت جهڙيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ انتهائي ضروري آهن. جيئن شاگردياڻين ۽ اسٽاف ۾ موجود بيچيني ختم ٿي سگهي ۽ تعليمي عمل بهتر نموني جاري رهي

بقايا عوامي سوچ 02

جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري علامه ڊاڪٽر شبيرالحسن ميثمي، صوبائي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي، مولانا ڪفايت حسين ڪريمي، زوار محمد حسين چانڊيو، مولانا تاج علي انقلابي، مولانا عطا حسين چانڊيو، مولانا محمد عالم مري ۽ ٻين مختلف مڪتبه فڪر جي اڳواڻن پاران خطاب ڪيو ويندو. تمام مومنين کي شرڪت جي اپيل ڪجي ٿي.

بقايا عوامي سوچ 03

دار نه هئڻ ڪري هر هفتي اسڪول مان چوري ٿيندي آهي پر رات اسڪول جي دري ٽوڙي موٽر چوري ڪري ويا هن چيو ته معصوم ٻار پاڻي استعمال ڪندا هئا سڃاول پوليس چوري ٿيل موٽر واپس نه ڪرائي ته اربع جي ڏينهن S.S.P آفيس اڳيان سوين شاگردياڻين سان گڏ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 04

سڃاول ويجهو سرويچ نگر لنڪ روڊ تي ڌوهارين جي موجودگي جي اطلاع تي پوليس ڪاروائي ڪئي جتي فائرنگ جي ڏي وٺ بعد هڪ اشتهاري ڌوهاري نظير احمد آمڙو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هڪ موٽرسائيڪل ۽ هٿيار هٿ ڪيو ويو جڏهن ته زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو سڃاول پوليس مطابق گرفتار جوابدار نظير احمد آمڙو اشتهاري ڌوهاري هئو هن مٿان مختلف ٿاڻن ۾ سنگين ڏوهن جا 9 کان مٿي ڪيس داخل ٿيل هئا. ٻي طرف هن سڃاول سول اسپتال ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مونکي سڃاول پوليس 3 ڏينهن اڳ شهر مان گرفتار ڪري گم ڪيو هو اڄ پوليس مونکي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي هاف فرائي ڪيو آهي. عدالتي جاچ ڪرائي وڃ

بقايا عوامي سوچ 05

ي ۽ بئي ڪرپٽ عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو آهي ته ڄاڻايل وارڊن ۽ نئين ڪالوني ڏانهن ويندڙ مک گهٽي ۾ گذريل ڇهن مهينن کان گندي پاڻي بيهجي وڃڻ سبب رستو مڪمل بند ٿي ويو آهي اڄ وچ جو هي واحد رستو آهي جتي ان لنگهه تي گندي پاڻي جا تلاءَ هئڻ ڪري ڪافي پيرا پيرسن ،ٻارڙا ،نياڻيون ۽ عورتون ان گندي تلاءَ ۾ ڪري پيون آهن هنن چيو ته اسان جي وارڊن محلن اندر ترقياتي ڪم ته ناهن ٿيا الٽو صفائي به نٿي ڪرائي وڃي هتي چيئرمين جو به وارڊ آهي جتان هو ڪائونسلر طورچونڊجڻ بعد چيئرمين مقرر ٿيو آهي مگر گذريل ڇهن سالن دوران هڪ روپئي جو به ڪم ناهي ٿيو علائقي اندر سالن کان ٽٽل ناليون ٽوڙي موريون خسته حالت ۾ آهن ڪوب تدارڪ ڪرڻ وارو ناهي، هنن مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل وارڊن ۾ صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻائي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 06

ال ٻهريان عبدلغفار ولد پناڻ خان پنهور سان ڪرائي هئي ان مان مونکي نياڻي جو اولاد پڻ هو جنهن مون کي طلاق ڏئي پنهنجي پسند جي شادي ونجي ڪئي ان کان پوءِ هن دعوا ڪئي ته منهنجي نياڻي منهنجي حوالي ڪئي ونجي جنهن تي ڪورٽ سڳوري تقريبن 3 سال ٻهريان ننڍڙي بسمه پنهنجي ماءُ حوالي ڪئي ۽ هر مهيني عبدلغفار پنهور کي خرچ ڏيڻ جو حڪم ڏنو ۽ هاڻي جڏهن منهنجي پائيرن منهنجي شادي ممتاز علي پنهور سان ڪرائي ته ان تي منهجو اڳيون مڙس عبدالغفار پنهور منهنجي گهر تي حملو ڪري منهنجي نياڻي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ منهجا پائروچ ۾ اچي ويا ۽ مان پاڙي وارن جي گهر ۾ ونجي پنهنجي نياڻي بسمه پنهور کي لڪايو ۽ هو اغوا ٿيڻ کان بچي وئي حملي ڪندڙن ۾ شامل عبدالغفار پنهور امير بخش پنهور محمد شريف پنهور علي نواز پنهور منظور پنهور ۽ ڪجه ٻيا هوا ان تي مسمات آمنت پنهور داهيندي اپيل ڪئي آهي سيشن جج نوشهرو فيروز آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز جناب مير روحل خان ڪوسو صاحب ڊي ايس پي نوشهرو فيروز ۽ وس وارن کي اپيل ٿا ڪيون ته اسان سان انصاف ڪيو ونجي ۽ اسان کي تحفظ ڏنو ونجي

بقايا عوامي سوچ 07

تل تي ويل منڇري برادري جي پورهيت جي بن فرار ٿيل مک جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو.

بقايا عوامي سوچ 08

خلاف نوجوان بي روزگار اتحاد پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو اڳيان ملڪَ نواز جوکيو، نور نبي خاصخيلي، غلام قادر بروهي، ظهير برفت، گلاب لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته ٺٽي ضلعي جي تعليم يافته ۽ بي روزگار نوجوانن کي روزگار ۾ اوليت ڏئي سندن حقن جو تحفظ ڪيو وڃي. اڳواڻن چيو ته ضلعي ۾ مختلف منصوبن ۽ ادارن ۾ روزگار جا موقعا موجود هجڻ باوجود مقامي نوجوانن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، جنهن سان بي روزگاري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. هنن حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته نوڪرين ۾ مقامي نوجوانن لاءِ مقرر ڪوٽا تي عمل ڪرائي شفاف طريقي سان ڀرتيون ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 09

جي ڪامياب شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري پروقار تقريب بهار فائونڊيشن، آل پاڪستان ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (APDA)جي سهڪار ۽ ايس ڪيو الٽراسائونڊ سينٽرجي تعاون سان هلندڙ الٽراسائونڊ ڪورس جي ڪامياب بيچ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري شاندار تقريب منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري، ڏٽي بخش بروهي ڳوٺ، يوسي نمبر 7، سهراب ڳوٺ ٽائون، ضلع اوڀر ڪراچي ۾ منعقد ٿي. تقريب ۾ تعليم، فني مهارت ۽ صحت جي شعبي سان لاڳاپيل مهمانن، ڊاڪٽرن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ خاص مهمان طور مينگل بلوچ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر شوڪت علي مينگل، جامعه الحسن مدرسي جي مفتي مصعب حسن عباسي ۽ ڪيريئر فائونڊيشن اسڪول جي روح روان پرويز احمد جامڙو شرڪت ڪئي، جڏهن ته APDAجي طرفان ڊاڪٽر قربان ڏاهري، ڊاڪٽر عبدالرزاق جمع، ڊاڪٽر گل ڪريم، ڊاڪٽر شمائلا ۽ ڊاڪٽر طيبه پڻ موجود هئا. ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ تقريب ۾ شرڪت نه ڪري سگهيا. جنهن تي هن فون ذريعي معذرت ڪندي تقريب لاءِ پنهنجي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت، حمد ۽ نعت سان ڪئي وئي. بهار فائونڊيشن جي چيئرمين محمد سچل وڏو معزز مهمانن، ڊاڪٽرن ۽ ڪامياب شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڀليڪار ڪيو. جڏهن ته مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوغات اجرڪ پارائي عزت افزائي پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي محمد سچل وڏو ۽ ٻين مقررين چيو ته موجوده دور ۾ صرف ڊگري حاصل ڪرڻ ڪافي ناهي، پر نوجوانن لاءِ عملي هنر ۽ فني مهارت حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. الٽراسائونڊ جهڙي اهم فني تربيت نوجوانن کي روزگار، خوداعتمادي ۽ خدمتِ انسانيت جا نوان موقعا فراهم ڪري سگهي ٿي. هنن بهار فائونڊيشن، APDA۽ ايس ڪيو الٽراسائونڊ سينٽر جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته نوجوانن کي پنهنجي ئي علائقي ۾ فني تعليم جا موقعا فراهم ڪرڻ هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي. تقريب جو اهم ۽ خوشيءَ وارو لمحو ان وقت آيو، جڏهن معزز مهمانن پنهنجي هٿن سان ڪامياب شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا. سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندڙن جي چهرن تي خوشي ۽ ڪاميابي جا جذبا نمايان هئا. مهمانن ڪامياب شاگردن کي مبارڪباد ڏيندي کين سکيل هنر کي پنهنجي مستقبل سنوارڻ سان گڏ انسانيت جي خدمت لاءِ استعمال ڪرڻ جي تلقين ڪئي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن گڏيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته تعليم، هنر، صحت ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ ادارن جو گڏجي ڪم ڪرڻ نوجوانن جي روشن مستقبل لاءِ اميد جي نئين راهه پيدا ڪري ٿو. بهار فائونڊيشن جي طرفان پڻ تعليم، هنر، صحت ۽ خدمتِ انسانيت واري سفر کي جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو

بقايا عوامي سوچ 10

جعمن مهرسرانجام ڏناجلسي ۾ علائقي جي وڏي انگ ۾ عاشقان رسول صلي الله عليه وسلم شريڪ ٿيا پروگرام جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ ۽ دل موهيندڙنعت رسو شريف رسول صلي الله عليه وسلم سان ٿيوجلسي کي خطاب ڪندي مولانا غلام محمد نعيمي لوڊوصاحب ۽خصوصي مقرر مولوي حافظ محمد محسن مهرصاحب سيرت النبي صلي الله عليه وسلم تي روشني وڏي مقررين چيو ت ميلاد جواصل پيغام حضورصلي الله عليه وسلم جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ امت ۾ اتحادپيدا ڪرڻ آهي جلسي جي ڪاميابي لاءِ وڏيروسائيداد مهر ۽ هاشم مهر سميت ڳوٺ جي نوجوانن ۽ منتظم ڪميٽي اهم ڪردار ادا ڪيو جلسي جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي امن ۽ برسات لاءِ خاص دعا گهري وئي آخرم شرڪت ڪندڙ لاءِ لنگر جووسيع انتظام ڪيوويو هو

بقايا عوامي سوچ 11

ٿاف ۽ ٻين طبي عملي ڀرپور شرڪت ڪئي. مظاهرين انتظامي مداخلت، ڊاڪٽرن ۽ صحت کاتي جي آفيسرن کي مبينا طور هراسان ڪرڻ، اسپتالن ۾ سيڪيورٽي جي ناقص صورتحال ۽ سرڪاري اسپتالن کي خانگي ادارن يا PPHIحوالي ڪرڻ واري پاليسي خلاف سخت احتجاج ڪيو.ان موقعي تي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن ٺٽي جي ڊاڪٽر ساجد شيخ، ڊاڪٽر غلام علي دايو، ڊاڪٽر ممتاز چوهان، ڊاڪٽر پرشاد، ڊاڪٽر منصور ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته اسپتال ڪنهن انتظامي آفيسر جي جاگير نه، پر عوام جي امانت آهن. ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي انتظامي دٻاءَ، ڌمڪي يا هراسان ڪرڻ ذريعي خاموش نٿو ڪرائي سگهجي.اڳواڻن الزام لڳايو ته ڊپٽي ڪمشنر پاران اختيارن جي مبينا ناجائز استعمال، اسپتالن جا تالا ٽوڙڻ، رڪارڊ طلب ڪرڻ ۽ پوليس سان گڏ اسپتالن ۾ اچي ڊاڪٽرن ۽ عملي کي دٻاءَ ۾ آڻڻ جهڙا قدم ناقابلِ قبول آهن. جن جو فوري نوٽيس ورتو وڃي. پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي طرفان عبدالغني شورو، انور جاکهرو، فريد خواجا، مهراب پنهور، نياز رند ۽ معشوق پنهور احتجاج ۾ شرڪت ڪندي چيو ته جيڪڏهن سينئر ڊاڪٽرن ۽ صحت کاتي جي آفيسرن کي مسلسل دٻاءَ ۽ هراسان ڪرڻ جو سامهنا رهندو ته ان جا سڌا اثر مريضن ۽ سجي صحت کاتي تي پوندا. حڪومت کي گهرجي ته ڊاڪٽرن کي استعيفائن تي مجبور ڪرڻ يا انتظامي دٻاءَ ۾ آڻڻ بدران اسپتالن ۾ بنيادي سهولتون، دوائون، اسٽاف ۽ مؤثر سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائي. مظاهرين چيو ته اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف تي تشدد جا وڌندڙ واقعا انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن. جيڪو ڊاڪٽر پنهنجي جان ۽ عزت جي تحفظ بابت پاڻ کي غير محفوظ سمجهندو هجي، اهو مريضن کي مڪمل توجهه سان ڪيئن علاج فراهم ڪري سگهندو؟ حڪومت فوري طور تي سمورن سرڪاري اسپتالن ۾ مؤثر سيڪيورٽي انتظام يقيني بڻائي.اڳواڻن سرڪاري اسپتالن کي خانگي ادارن يا PPHI حوالي ڪرڻ واري پاليسي جي پڻ مخالفت ڪندي چيو ته عوام جي ٽيڪسن سان قائم ڪيل سرڪاري اسپتال ڪنهن به صورت ۾ خانگي مفادن حوالي نٿا ڪري سگهجن. صحت عوام جو بنيادي حق آهي ۽ ان کي ڪاروباري مفادن جي ورنتو چاڙهي سگهجي.ڊاڪٽر ساجد شيخ، ڊاڪٽر غلام علي دايو، ڊاڪٽر ممتاز چوهان، عبدالغني شورو، انور جاکهرو، فريد خواجا، نياز رند ۽ معشوق پنهور سميت احتجاج ۾ شريڪ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي اڳواڻن واضح ڪيو ته ڊاڪٽر ۽ طبي عملو مريضن جي خدمت لاءِ موجود آهي، ڪنهن به قسم جي ڌمڪي، دٻاءُ يا هراسان ڪرڻ کي برداشت ڪرڻ لاءِ نه. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جائز مطالبن تي فوري ڌيان نه ڏنو ويو ۽ مبينا انتظامي مداخلت جو سلسلو جاري رهيو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندي سنڌ ڀر ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 12

هر ٿاڻي جي حد ۾ علي بحر پرسان ڳوٺ علو تارو ۾ تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي معمولي تڪرار تان ٻيهر ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي هڪ ڌر جي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 2ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ نظام الدين دائود تارو شامل آهن جن کي ڪينجهر ٿاڻي ڪان ليٽر وٺي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو آهي، ٻئي طرف منور تارو چيو ته ڳوٺ ۾ ڌوهاري ماڻهن سان تعلق رکندڙن اسانجي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي، هن چيو ته فائرنگ سبب اسانجي ٻن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ ٻڌل چوپائي جانورن کي پڻ گوليون ۽ ڇرا لڳا آهن. منور تارو گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري حملي آور ڌر خلاف ڪاروائي ڪري کين تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 13

ي جو شڪار 10 ورهين جي معصوم نينگري هڪ مهيني تائين انڊس اسپتال ڪراچي ۾ علاج هيٺ رهڻ بعد ٿي آپريشن ۽ طبي سار سنڀال مڪمل ڪرائڻ ڪانپوءِ گهر واپس پهچي وئي. نينگري جي علاج، دوائن، خوراڪ ۽ ٻين سمورن خرچن کي هيلپنگ هينڊز ويلفيئر ٽرسٽ پاران برداشت ڪيو ويو. متاثر خاندان موجب نينگري جي والد بهتر تعليم ۽ تربيت جي مقصد سان ڪيس پنهنجي هڪ ويجهي دوست حوالي ڪيو هو، جتي مبينا طور جوابدار نينگري سان زيادتي ڪئي ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين يرغمال بڻائي رکيو. نينگري جي طبيعت انتهائي خراب ٿيڻ تي جوابدار بيماري جو بهانو ڪري ڪيس والد حوالي ڪري ڇڏيو. واقعي ڪانپوءِ هيلپنگ هينڊز ويلفيئر ٽرسٽ نينگري جي مدد، علاج ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ عملي قدم کنيا. ٽرسٽ جي ٽيم، جنهن ۾ پنهون عقيلي ايڊووڪيٽ، خالد سليم آرائين، محترمه صابره قريشي ۽ شاهان قريشي شامل هئا، ترڪي ڪالوني ۾ متاثر خاندان جي عارضي رهائشگاهه جو دورو ڪيو ۽ نينگري توڙي سندس وارثن کي راشن، ضروري گهرو سامان ۽ فوري مالي مدد فراهم ڪئي. ٽرسٽ پاران نينگري جي علاج، دوائن، خوراڪ، تعليم ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جا خرچ پڻ پنهنجي ذمي کنيا ويا، جڏهن ته ڪيس انڊس اسپتال ڪراچي ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي نينگري جي ڀرپور سار سنڀال ۽ علاج ڪيو. ٽرسٽ جي اڳواڻ خالد سليم آرائين ٻڌايو ته مشهور قانوندان پنهون عقيلي ايڊووڪيٽ ڪيس جي پيروي ڪري رهيا آهن، جيئن مبينا جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي سگهجي ۽ متاثر نينگري کي انصاف فراهم ٿي سگهي. هيلپنگ هينڊز ويلفيئر ٽرسٽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف ۽ تيز رفتار جاچ ڪرائي، ذميوار جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي، ته جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي ۽ اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام ممڪن بڻجي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 14

ڪري ويو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير محترم منظور حسين وسڻ پنهنجي 45 ورهين جي پراڻي ساٿي ۽ ڊرائيور سهراب خان لاشاري جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جواظهار ڪيو آهي. سهراب خان لاشاري جي لاڏاڻي جي خبر ملندي ئي منظور حسين وسڻ سول اسپتال ڪراچي پهچي ويا، جتي هن ايمبولينس ۾ مرحوم جي ميت جو آخري ديدار ڪيو ۽ سندس وڇوڙي تي گهري رنج ۽ غم جو اظهار ڪيو. منظور حسين وسڻ چيو ته سهراب خان لاشاري سان سندس 45 ورهين کان ساٿ رهيو، جيڪو صرف ڊرائيور نه، پر هڪ وفادار، مخلص ۽ اعتماد جوڳو ساٿي هو. سندس وڇوڙو ذاتي طور تي هڪ وڏو صدمو آهي. جنهن جو خال آسانيءَ سان پورو نه ٿي سگهندو. هن مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ پونئرن لاءِ صبرِ جميل جي دعا ڪندي چيو ته الله پاڪ سهراب خان لاشاري کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سندس وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي

بقايا عوامي سوچ 15

ل هڪ سال استاد مقرر نه ٿي سگهيو گوٺاڻن ۽ شاگردن پاران تعليم کاتي متياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن عبدالحڪيم ميرجت نورمحمد خادم حسين ميرجت وليداد ميرجت حاڪم ميرجت سائين ڏنو ميرجت رشيد ميرجت لڪاڏنو ميرجت ۽ ٻين چيو ته اسڪول ۾ مقرر استاد کي بنا ڪنهن سبب جي بدلي ڪيو ويو آهي ۽ اسڪول ۾ ٻيو ڪو استاد مقرر ناهي ڪيو ويو جنهن ڪري اسڪول ۾ داخل 400 کان مٿي اسڪولي ٻارڙن جو مستقبل ڏاءَ تي لڳل آهي انهن وڌيڪ چيو ته هن حوالي سان اسان متياري ضلعي جي چونڊيل نمائندن سميت تعليم کاتي متياري جي عملي کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي هڪ طرف سنڌ حڪومت تعليم ايمرجنسي جي ڳالهه پئي ڪري ته ٻئي طرف غريبن جي ٻارن کي تعليم ڏيندڙ استاد بدلي ڪري من پسند اسڪولن ۾ مقرر ڪري هٿ سان اسان جي معصوم ٻارڙن جو تعليم تباهه ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ صوبائي وزير تعليم ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد ڳوٺ موليڏنو ميرجت جي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري اسڪول ۾ داخل معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 16

آئي اي ٺٽو طرفان گڏيل ڪاروائي ڪندي قتل جي ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، ان سلسلي ۾ جهمپير پوليس ٻڌايو ته 25 ڏينهن اڳ 19 آگسٽ تي جهمپير ٿاڻي جي حد ڳوٺ لعل بخش منڇري ۾ گهريلو تڪرار تان ٽن جوابدارن ڪينجهر ڊنڊ اندر پنهنجي پيٽوئي امداد ولد نور حسين منڇري کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو آهي، واقعي بعد جهمپير پوليس ڪاروائي ڪندي ڪيس داخل ڪندي هڪ جوابدار خدا بخش ولد اسماعيل منڇري کي موقعي تي گرفتار ڪري ورتو هو جڏهن ته 2 جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا هئا، پوليس فرار ٿيل ٻنهي جوابدارن فاهد ولد تاج محمد منڇري ۽ رحمت الاولد عبدالحڪيم منڇري کي گرفتار ڪري ورتو آهي، جن پوليس وٽ ابتدائي جاچ دوران ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو آهي. پوليس وڌيڪ جاچ جاري ڪري ڇڏي آهي.

بقايا عوامي سوچ 17

علوم محمديه القاسميه چوهڙجمالي جي مهتمم مولانا نجيب الله ميمڻ ۽ سندس ٽيم پاران مختلف علائقن ۾ ٽينڪين ذريعي صاف ۽ مٺو پاڻي فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. جنهن کي علائقي واسين پاران ساراهيندي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو ويو آهي. ساحلي پٽي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي کارو هجڻ سبب مقامي ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي حصول لاءِ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو عورتن ۽ ٻارن سميت علائقي جا رهواسي ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تان پاڻي آڻڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته گرمي ۽ پاڻي جي کوٽ سبب صورتحال وڌيڪ سنگين بڻجي ويندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ مدرسه دارالعلوم محمديه القاسميه جي انتظاميا پاران انساني همدردي ۽ سماجي ذميواري تحت ٽينڪين وسيلي مختلف متاثر علائقن تائين صاف ۽ مٺو پاڻي پهچائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو بنا ڪنهن فرق جي ضرورت مند ماڻهن لاءِ وڏي سهائتا جو ذريعو بڻجي رهيو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته صاف ۽ مٺو پاڻي انساني زندگي جي بنيادي ضرورت آهي، پر ساحلي پٽي جا ماڻهو اڄ به ان بنيادي سهولت کان محروم آهن هنن مطالبو ڪيو ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا ساحلي علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي مستقل حل لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻن. علائقي واسين مولانا نجيب الله ميمڻ ۽ سندس ٽيم پاران جاري رکيل پاڻي جي فراهمي واري فلاحي عمل کي ساراهيندي چيو ته ڏکي وقت ۾ ضرورت مند ماڻهن تائين پاڻي پهچائڻ هڪ وڏي انسانيت جي خدمت آهي. جنهن سان ڪيترن ئي خاندانن جون پريشانيون گهٽجي رهيون آهن

بقايا عوامي سوچ 18

مام بارگاهه سيٽلائيٽ ٽائون ۾ مولانا سيد ضياء حيدر نقوي جي گهر واري، ذاڪره اهل بيت سيدهارم زهرا نقوي جي پنجين ورسي جي سلسلي ۾ ايصال ثواب لاءِ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مَجلس عزا کي آيت الله علامه سيد رضي جعفر نقوي خطاب ڪيو مجلس جو آغاز حديثِ ڪساءَ سان ٿيو جنهن جي سعادت سيد لياقت حسين زيدي حاصل ڪئي، جڏهن ته سيد ذوالفقار حيدر نقوي سوزخواني پيش ڪئي. ان موقعي تي سيد جواد حيدر نقوي، سيد شباهت حسين جعفري، امانت علي، ميثم علي ۽ زين پنجتني سلام پيش ڪيو. مجلسِ عزا ۾ ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان سوين مؤمنن، عالمن، ذاڪرن، شاعرن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مجلس جي موقعي تي سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا ويا، جڏهن ته پيغامِ ولايت اسڪائوٽ جي چاق ۽ چوبند دستي سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏنا. ان موقعي تي مولانا سيد ضياء حيدر نقوي مجلسِ عزا ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مؤمنن، عالمن، شاعرن، سوز، سلام ۽ نوحه خوانن، مسجدن ۽ امام بارگاهن جي منتظمين ۽ صحافين جو شڪريو ادا ڪيو. هن دعا ڪئي ته الله پاڪ اسان سڀني جي دلين کي رسول اڪرم ۽ سندن آلِ پاڪ جي معرفتَ سان منور فرمائيءَ ۽ اسان کي سندن نصرت ۽ محبت ۾ زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي

بقايا عوامي سوچ 19

ا فائرنگ ڪري شديد زخمي ٿيندڙ سونار وقار ميمڻ زخمن جا سور نه سهندي سول اسپتال ميرپورخاص ۾ دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو ذريعن موجب وقار ميمڻ سون جي ڪاروبار ۾ مبينا طور مالي نقصان جو شڪار ٿيڻ ۽ قرضي ٿيڻ سبب انتهائي قدم کنيو واقعي بابت پوليس پاران وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته واقعي جا سمورا رخ سامهون آڻڻ لاءِ تحقيقات جاري آهي. واقعي جي اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او ٽائون غازي راڄڙ سميت تاجر برادري جا ماڻهو سول اسپتال پهچي ويا. پوليس پاران واقعي بابت وڌيڪ تفصيل گڏ ڪيا پيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 20

موٽرسائيڪلون برآمد ميرپورخاص: ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ جي هدايتن ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي حڪمن تحت، ميرپورخاص پوليس عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ ڌوهاري عنصرن خلاف اثرائتي ڪاروائين لاءِ سرگرم عمل آهي سي آءِ اي انچارج انسپيڪٽر ذيشان علي لاشاري اي ايس آءِ عبدالسلام ائڙ پنهنجي ٽيم سان گڏ ڳجهي اطلاع تي بروقت ڪاروائي ڪندي موٽرسائيڪل چوري جي ڪيس ۾ سيد فارم، دل موري وٽان هڪ جوابدار امجد علي ڪوڪر کي گرفتار ڪري ورتو ٻيو جوابدار ساجد علي ڪوڪر پوليس تي فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو گرفتار جوابدار جي قبضي مان 30 بور پسٽل ۽ ٻه موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون واقعي جو ڪيس ٿاڻو مهراڻ ۾ FIRنمبر 78/2026 تحت قلم 353_337_34_PPC H(2)تحت داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته هٿ آيل هٿيار بابت الڳ ڪيس FIRنمبر 79/2026 تحت سنڌ آرمزايڪٽ جي قلم 25 تحت پڻ داخل ڪيو ويو آهي. مذڪوره جوابدارن خلاف اڳ ۾ به ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ڪراچي ۽ ٻين ضلعن ۾ قتل، چوري ۽ غير قانوني هٿيارن جي ڪيسن ۾ چالان ٿي چڪا آهن گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته پوليس چوري ٿيل موٽرسائيڪلن جي ٻين واقعن ۾ پڻ جوابدارن جي ملوث هجڻ بابت جاچ ڪري رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 21

س ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس ڪئي، ان موقعي تي سانول خان پنڊ، فرحان علي لغاري، مسمات نسرين لغاري، مسمات شهناز لغاري ۽ ٻين چيو ته گذريل ڏينهن دادو باءِ پاس تان سندن 22 سالا ساگر علي پنڊ ۽ 24 سالا شاهزمان لغاري جيڪي مزدوري ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندا آهن، کي نامعلوم گاڏين ۾ سوار پوليس ۽ نامعلوم ماڻهو کڻي ويا آهن. جنهن سبب سندن وارث سخت ذهني پريشاني ۾ مبتلا آهن. هنن ٻڌايو ته ٻنهي نوجوانن جي لاپتا ٿيڻ ڪانپوءِ دادو، خدا آباد ۽ ڀرپاسي جي مختلف ٿاڻن تي ڳولا ڪئي، پر نوجوانن بابت ڪا به ڄاڻ نه ملي سگهي آهي. وارثن جو چوڻ هو ته ٻنهي نوجوانن جو ڪنهن به سياسي تنظيم سان ڪو واسطو ناهي ۽ نه ئي هو سوشل ميڊيا استعمال ڪندا آهن. هنن الزام لڳايو ته نوجوانن کي ٽن گاڏين ۾ سوار ڪري کڻي وڃڻ جو واقعو پيش آيو آهي. متاثر وارثن سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته ٻنهي نوجوانن جي مبينا گمشدگي جو فوري نوٽيس وٺي کين ظاهر ڪيو وڃي، هنن چيو ته جيڪڏهن نوجوانن خلاف ڪو ڪيس داخل ٿيل آهي ته کين قانون موجب عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ وارث عدالت جو در کڙڪائڻ سميت احتجاجن جو سلسلو شروع ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 22

ي ۽ سول سوسائٽي اڳواڻن پلي ڪارڊ کڻي سينٽر ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو غلام شبير جتوئي، ياسر سنديلو، نثار ميهر ڪوڪر، شهاب الدين ۽ ٻين چيو ته خانداني منصوبابندي، ماءُ ۽ ٻار جي صحت سميت مختلف سهولتون فراهم ڪندڙ آر ايڇ ايس سينٽر مبينا طور غيرفعال بڻجي ويو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽرن ۽ عملي جي غيرحاضري سبب مريضن کي سهولتون نٿيون ملن. احتجاج ڪندڙن الزام لڳايو ته سرڪاري گاڏين جي تيل، دوائن، آپريشن، ڪاٽ خوراڪ ۽ ماءُ ۽ ٻار جي صحت لاءِ مختص فنڊن ۾ مبينا بي ضابطگيون ڪيون پيون وڃن. هنن سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر مونيڪا، ڊسٽرڪٽ آفيسر محمد اسحاق پرڳڙي ۽ اڪائونٽنٽ سعيد پتو خلاف پڻ مبينا ملي ڀڳت جا الزام لڳائيندي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو هنن وڏي وزير، صوبائي وزير ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سينٽر جي ڪارڪردگي، عملي جي حاضري، مالي رڪارڊ ۽ تيل جي بلن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 23

۽ زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ عبدالستار ميمڻ تفصيل سان ٻڌايو ته سندس ٻه سان ڀريل هڪ ٽرڪ وزن ڪرڻ لاءِ ڪانٽي تي بيٺل هئي جتي ٻان پوليس موبائل آڻي زبردستي ٽرڪ ڊائيور سميت ڪانٽي تان ڪاهڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊائيور طرفان اطلاع ملڻ تي جڏهن هو پاڻ موقعي تي پهتو ته ٻان ايس ايڇ او موقف اختيار ڪيو ته ڪيس ڪورٽ جو حڪم آهي ته ٻه جون ٽرڪون ڪراچي روٽ تي روانيون نه ڪيون وڃن واپاري اڳواڻ جو چوڻ هو ته پوليس طرفان ڪيس ناجائز طريقي سان هڪ ڪوڙي رسيد ڏني وئي جنهن تي پنجاهه هزار رپيا ڏنڊ لکيل هو هن شڪايت ڪئي ته ٻان پوليس جو هي روز جو معمول بڻجي چڪو آهي جيڪي شهرين ۽ واپارين تي ناجائزيون ڪري ڪرين رشوتون وصول ڪري رهيا آهن جنهن سبب واپاري برادري ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي عبدالستار ميمڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته حيرت جي ڳالهه آهي ته هي وزيراعلا سنڌ سيد مراد علي شاهه جو پنهنجو چونڊ تڪ آهي پر ساڳئي تڪ اندر پوليس مڪمل طور تي بي لغام بڻجي چڪي آهي واپاري اڳواڻ چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن هن زيادتي جو فوري طور تي ازالو نه ڪيو ويو ۽ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي نه ٿي ته هو مجبوريءَ تحت روڊن تي نڪري احتجاج ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيندا جنهن جي سجي ذميواري ضلعي پوليس انتظاميا مٿان هوندي

بقايا عوامي سوچ 24

ف بيمارين ۾ مبتلا عورتن توڙي مرد مريضن کي ڊاڪٽر ۽ ليڊي ڊاڪٽرياڻين پاران تپاس ڪري الٽراسائونڊ توڙي مختلف ٽيسٽون ڪري مفت ۾ دوائون ڏنيون. ان موقعي تي ڊاڪٽر مدثر ڪيريو ڊاڪٽر اقراءِ ڊاڪٽر اسلم ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته مختلف بيمارين ۾ مبتلا عورتن توڙي مرد مريضن لاءِ فري آف ڪاسٽ هڪ روزا ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي آهي. جتي مريضن جون مفت ۾ مختلف ٽيسٽون الٽراسائونڊ وغيره ڪري کين مفت ۾ دوائون ڏنيون ويون آهن هنن چيو ته اهڙين مفت ميڊيڪل ڪيمپن مان ماڻهن کي گهرجي ته وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪن

بقايا عوامي سوچ 25

دارت سنڌ جي ناميارَي اسڪالر الطاف ملڪاڻي ڪئي، مهمانِ خاص ساس ضلع دادو جي رابطا سيڪريٽري نياز الاهي ابڙو هئا، مهمانن ۾ عبدالمنان عباسي عرف ماما لالو، سرور سخيراڻي، نورمحمد سومرو، ڊراما ڊائريڪٽر اصغر چوڙي، استاد حضور بخش ڳوپانگ، خليل عارف سومرو ۽ رشيد چارڻ شامل هئا. تقريب جي ڪاروائي سيڪريٽري نور ڪنير هلائي، شروعات مزاحمتي شاعر عاشق دادوي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سان ڪئي، جڏهن ته اسلم راهي، قادر سنڌي، فقير محمد، سرمد سولنگي، بشير ڀٽي پنهنجي سريلي راڳ سان محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ۽ ڀرپور داد حاصل ڪيو. تقريب دوران ٻنهي صاحبِ رهاڻ کي لونگيون، اجرڪ، گلن جا هار، نوٽن جا هار پيش ڪري نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو، مقررين پنهنجي خطابن ۾ اميد سنڌي ۽ اسد ڪورائي جي ادبي، فني ۽ ثقافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته اهي اهڙا روشن چراغ آهن. جن پنهنجي زندگي ادب، فن ۽ ثقافت جي خدمت لاءِ ارپي ڇڏي آهي، سندن لکڻيون، فني خدمتون ۽ تخليقي ڪردار ايندڙ نسلن لاءِ پڻ سکڻ ۽ رهنمائي جو ذريعو بڻجندا، رهاڻ تقريب ۾ اداڪارن، هدايتڪارن، شاعرن، اديبن، صحافين، فنڪارن شرڪت ڪئي، ڊاڪٽر ناز ڪاظمي، تابش بخاري، نثار گوهر سومرو، آسي بدر چنا، اعجاز ڳوري، شيخ سرور، عزيز قمبراڻي، رجب آزاد سولنگي، زاهد صديقي، پيرل قمبراڻي، ستار جمالي، سيد زاهد حسين شاهه نثار گوهر سومرو، اميد، ضمير ڪوريجو، رجب راز ڀٽي، نظير نياز جويو، عاشق دادوي، آفتاب ڪمال سولنگي، وريام سنڌي، محمد قاسم لانگاهه، لالا فيروز ڪنير، افضل ڪلهوڙو، راجا رفيق پنهور، احمد خان لاشاري، آسي بدر چنا، مهتاب دادوي چارڻ، اڪبر ستايو، ارشاد سخيراڻي، ديدار شاهه، امجد قمبراڻي، ايوب لغاري، خادم ٿهيم، فياض سهتو، ستار نوهاڻي، خادم ٿهيم ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 26

اوڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايس يو پي ڪارڪن ممتاز ڪيريو جو جائز ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪيترن ئي مهينن کان پنڌ ڪرايا پيا وڃن جڏهن ته سندس موٽر سائيڪل پڻ مختيارڪار آفيس ٻاهران چوري ڪرائي وئي آهي ته جيئن هي روز روز آفيس نه اچي هنن اهو به چيو ته ڌرڻي جي پهرين ڏينهن اي سي سڪرنڊ رميز راجا ۽ مختيارڪار شوڪت حسين کين دلاسو ڏنو ته ممتاز ڪيريو جي موٽر سائيڪل به پوليس معرفت ورائي ڏني ويندي ۽ سندس زمينن جا ڪاغذ پڻ تيار ڪيا ويندا پر افسوس جو چار مهينا گذرڻ باوجود نه موٽر سائيڪل ملي آهي ۽ نه ئي ڪاغذ ناهيا ويا آهن هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته قومي شاهراهه بلاڪ ۽ ڊي سي آفيس ٻاهران ڌرڻو هڻي سگهون ان ڪري انتظاميه کي گهرجي ته اسان جي مطالبن تي فورن عمل ڪري ڌرڻي ۾ تعلقه سيڪريٽري بچل ڌاهيو، قاسم سومرو، شوڪت ميمڻ، محمد علي جلباڻي ۽ محمد خان گدارو سميت سيڪريٽري ڪارڪن ۽ آبادگار شريڪ هئا

بقايا عوامي سوچ 27

پاران تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ مهر علي جمالي، ۾ 17 سيپٽمبر 2026ع تي صبح 11 وڳي کليل ڪچهري منعقد ڪئي ويندي. کليل ڪچهري جو مقصد سرڪاري کاتن ۽ ادارن جي حوالي سان عوام کي پيش ايندڙ مسئلن بابت شڪايتون ٻڌي انهن جي ازالي لاءِ قدم کڻڻ آهي. ان ڏس ۾ علائقي جي عوام کلي ڪچهري ۾ شرڪت ڪري پنهنجا مسئلا پيش ڪري ته جيئن سندن مسئلا حل ٿي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 28

رل ٿي ۽ ٻڌايو ويو ته اوطاق ڪنهن پي پي جي ڪائونسلر جي آهي ڪافي دوست ڪمنٽ ۾ سندس نالي بابت ٻڇا ڪن پيا پر مون واضع ڪيو هيو ته بغير تصديق يا تحقيق جي ڪنهن جو نالو کڻڻ صحافتي اخلاق ۽ اصولن جي خلاف آهي ويڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ پڳ پڳ 20 کان وڌيڪ دوستن ميسينجر واٽس اپ ڪال ذريعي سندس نشادهي ڪئي آهي ۽ ٻڌائين پيا ته ميونسپل ٻولهاڙي جي وارڊ نمبر 11 جو پي پي جي ٽڪيٽ تي چونڊيل ڪائونسلر ڪوخالق جمالي آهي جيڪو ڪافي وقت کان نه فقط منشيات پر غير قانوني پيٽرول يونٽن سميت ٻيا ڌنڌا ڪري پيو ۽ ڪيس پوليس جي مڪمل سرپرستي حاصل آهي ..! ڳالهه سمجهه ۾ اها نٿي اچي ته هڪ پاسي پيپلز پارٽي قيادت اسيمبلي سميت پريس بريفنگ ۾ منشيات جي خاتمي جي ڳالهه ڪري ٿي ته ٻي پاسي سندن ئي چونڊيل نمائندا ان ڪڌي ڪمن ۾ ملوث آهن معاملو هاڻ صاف ۽ سڌو آهي منشيات هڪ ذهر آهي هاڻ ڏسجي ته نشاندهي باوجود ساڳي تڪ جو ايم پي اي ملڪ سڪندر خان جونيئر به منشيات جي خاتمي جي دعوا ڪري ٿو هو ان معاملي تي ڪيترو سنجيدگي سان ايڪشن وٺي ٿو ۽ جامشورو پوليس پنهنجي ساک بحال ڪرڻ لاءِ ڪيتري حد تائين ڪاروائي ڪري ٿي اگر جي نه ته پوءِ معاملو صاف ۽ واضع آهي ته چونڊيل نمائندن سميت پوليس جي به ڪيس مڪمل حمايت حاصل آهي ..! نوٽ : ڪائونسلر جي سڃاڻپ ۽ ملوث هئڻ جا تمام تر ثبوت مليا آهن جيڪي پرسنلي ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي جامشورو کي به واٽس اپ ڪيا اتم اگر ڪنهن دوست کي هي الزام لڳي ٿو ته مون سان پرسنلي رابطو ڪري آئون ڪيس سمورا ثبوت ڏين.

بقايا عوامي سوچ 29

جي تحفظ ۾ ناڪامي خلاف سماجي ۽ سياسي اڳواڻن پاران 17 تاريخ کان مرحليوار احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ان موقعي تي اڳواڻن عبدالستار لهر، نظير بليدي ۽ ذوالفقار ٻبر چيو آهي ته ڪوٽڙي شهر ۾ بدامني ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، پوليس امن امان قائم ڪرائڻ ۽ ڌوهارين خلاف اثرائتي ڪاروائي ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي هنن چيو ته شهر ۾ چورين ۽ ڦرون معمول بڻجي ويون آهن، جنهن سبب شهري سخت خوف ۽ بيچيني ۾ مبتلا آهن، پر پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪو به مؤثر ۽ نتيجا ڏيندڙ قدم نظر نٿو اچي اڳواڻن چيو ته ذوالفقار ٻبر جي دڪان ۾ تيل چوري کي به مهينا گذرڻ باوجود پوليس اڃا تائين چوري 785000 تيل چوري رڪور ڪرائڻ ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، جيڪو پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سوال آهي هنن چيو ته جيڪڏهن شهرين کي تحفظ نه ڏنو ويو ۽ وڌندڙ بدامني تي ضابطو نه آندو ويو ۽ ذوالفقار ٻبر جي چوري 785000 رڪور نه ٿي ته 17 تاريخ کان مرحليوار تحريڪ شروع ڪئي ويندي، جنهن جي ذميواري ضلعي انتظاميا ۽ پوليس تي هوندي هنن اعليٰ اختيارين، ايس ايس پي جامشورو ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي ۾ وڌندڙ بدامني، چورين ۽ ڦرن جو فوري نوٽيس وٺي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ذوالفقار ٻبر جي چوري ٿيل تيل سامان کي رڪور ڪرائي جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 30

ڻ وقت جي اهم ضرورت آهي اصغريه علم و عمل تحريڪ پاڪستان، اصغريه خواتين علم و عمل تحريڪ پاڪستان ۽ اصغريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان جي سهڪار سان "فڪرِ شهيد سيد علي خامنه اي" جي عنوان هيٺ هڪ فڪري ۽ علمي سيمينار ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن، شاگردن، مذهبي ۽ سماجي شخصيتن توڙي تنظيمي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار جي صدارت اصغريه تحريڪ جي چيئرمين دانشور سيد حسين موسوي ڪئي. سيمينار کي معروف عالمِ دين مولانا سيد علي مرتضيٰ زيدي ۽ خانه فرهنگ اسلامي جمهوريه ايران جي ڊائريڪٽر ۽ اتاشي ڊاڪٽر سعيد هاشمي خطاب ڪيو. جڏهن ته مولانا محمد حسين لاشاري سندن خطاب جو اردو ترجمو پيش ڪيو. ان موقعي تي اصغريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان جي مرڪزي صدر سيد دانيال ڪاظمي ۽ اصغريه علم و عمل تحريڪ پاڪستان جي مرڪزي صدر اياز علي لاشاري پڻ خطاب ڪيو. مقررين پنهنجي خطابن ۾ سيد علي خامنه اي جي زندگي، جدوجهد، فڪري ڪردار ۽ سياسي توڙي مذهبي نظرين جي مختلف پاسن تي تفصيلي روشني وڌي ۽ چيو ته حضرت امام حسين جي سيرت ۽ تعليمات اسلامي تاريخ ۾ ظلم ۽ جبر خلاف استقامت، حق گوئي، صبر ۽ قرباني جو عظيم درس فراهم ڪن ٿيون. سندن چوڻ هو ته اهي اصول اڄ جي دور ۾ به حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ۽ ظلم خلاف جدوجهد لاءِ رهنمائي فراهم ڪن ٿا. مولانا سيد علي مرتضيٰ زيدي چيو ته حضرت امام حسين ڪربلا ۾ ظلم آڏو سر تسليم خم ڪرڻ بدران حق ۽ اصولن جي خاطر قرباني کي ترجيح ڏني. هن چيو ته امام حسين جي تعليمات جو بنيادي پيغام اهو آهي ته ڏکين کان ڏکين حالتن ۾ به حق جو ساٿ نه ڇڏڻ گهرجي ۽ ظلم ۽ ناانصافي آڏو ثابت قدم رهڻ گهرجي. ڊاڪٽر سعيد هاشمي ايران جي موجوده صورتحال، خطي ۾ تبديل ٿيندڙ جاگرافيائي ۽ سياسي صورتحال ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل سان جاري ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ ڳالهائيندي چيو ته ايران مزاحمت ۽ استقامت جي پاليسي تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ايراني قوم ڏکين حالتن باوجود پنهنجي مؤقف تي قائم رهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سيمينار دوران سيد علي خامنه اي جي شهادت ۽ ان حوالي سان سامهون ايندڙ مختلف اطلاعن ۽ دعوائن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. مقررين سوشل ميڊيا تي سندن موجودگي، هنڌ ۽ حالتن بابت گردش ڪندڙ مختلف پروپيگنڊا جو ذڪر ڪندي پنهنجو مؤقف پيش ڪيو. مقررين موجب سيڪيورٽي اختيارين طرفان کين محفوظ هنڌ منتقل ٿيڻ جون تجويزون ڏنيون ويون هيون. پر هنن عوام کان الڳ ڪنهن پناهگاهه ۾ منتقل ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ عوام سان گڏ رهڻ کي ترجيح ڏني. مقررين ان طرزِ عمل کي عوام سان يڪجهتي، حوصلي ۽ استقامت جي علامت قرار ڏيندي چيو ته حضرت امام حسين جي سيرت رڳو تاريخ جو هڪ واقعو نه، پر هر دور جي انسان لاءِ عملي رهنمائي جو ذريعو آهي. جنهن ۾ ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ، حق جو دفاع، قرباني، صبر ۽ ثابت قدمي بنيادي قدر آهن. سيمينار ۾ موجوده عالمي ۽ علائقائي صورتحال پڻ بحث هيٺ آئي. مقررين آبنائي هرمز ۽ باب المندب جي جاگرافيائي، معاشي ۽ تزويري اهميت تي روشني وجهندي چيو ته خطي جي اهم سامونڊي رستن جي سيڪيورٽي ۽ آمدرفت جا معاملا نه رڳو علائقائي پر عالمي سطح تي پڻ خاص اهميت رکن ٿا. ان موقعي تي ايران ۽ عمان وچ ۾ آبنائي هرمز مان بحري جهازن جي محفوظ آمدرفت بابت ممڪن انتظامن ۽ علائقائي حالتن جي حوالي سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. اصغريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان جي مرڪزي صدر سيد دانيال ڪاظمي خطاب ڪندي نوجوان نسل کي فڪري ۽ نظرياتي طور مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هن چيو ته شاگردن کي تعليمي ميدان سان گڏ سماجي، اخلاقي ۽ ديني ميدان ۾ پڻ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اصغريه علم و عمل تحريڪ پاڪستان جي مرڪزي صدر اياز علي لاشاري چيو ته نوجوانن ۾ شعور، اتحاد، نظم و ضبط ۽ ديني ۽ اخلاقي قدرن کي هٿي وٺرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته معاشري ۾ مثبت تبديلي لاءِ نوجوان نسل کي علمه معاشري ۾ مثبت تبديلي لاءِ نوجوه معاشري ۾ مثبت تبديلي لاءِ نوجوم، ڪردار ۽ عملي جدوجهد ذريعي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو سيمينار جي صدر ۽ اصغريه تحريڪ جي چيئرمين استاد سيد حسين موسوي شرڪت ڪندڙن ۽ مقررين جا ٿورا مڃيندي چيو ته اهڙين فڪري ۽ علمي گڏجاڻين جو مقصد معاشري ۾ شعور اجاگر ڪرڻ ۽ خاص طور نوجوان نسل کي اسلامي تاريخ، ديني تعليمات ۽ عصرحاضر جي اهم مسئلن کان آگاهه ڪرڻ آهي. تقريب ۾ شريڪ مردن، عورتن ۽ شاگردن مقررين جون تقريرون ڌيان سان ٻڌيون. تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن حق، انصاف، استقامت، اسلامي اخوت ۽ انساني قدرن جي واڌاري لاءِ عزم جو اظهار ڪيو. منتظمين سيمينار کي فڪري ۽ علمي سرگرمين جي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي قرار ڏيندي چيو ته نوجوان نسل ۾ شعور ۽ مثبت فڪري رجحانن جي واڌاري لاءِ اهڙيون سرگرميون مستقبل ۾ پڻ جاري رکيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 31

جو اجلاس ايس ايس پي ملير ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادا جي صدارت ۾ ايس ايس پي ملير آفيس ۾ ضلعي جي سيني پوليس اسٽيشنن جي ڊيوٽي آفيسرن جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ايس ايس پي ملير سيني ڊيوٽي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليس اسٽيشن ايندڙ شهرين سان خوش اخلاقيءَ ۽ احترام سان پيش اچن انهن جا مسئلا ڌيان ۽ صبر سان ٻڌن ۽ جائز شڪايتن جي فوري طور تي ازالي لاءِ هر ممڪن قدم کڻن ايس ايس پي ملير واضح ڪيو ته شهرين سان بدتميزي نامناسب رويو يا ڪنهن به قسم جي بدسلوڪي ڪڏهن به قابل قبول نه هوندي سيني ڊيوٽي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون ته عوامي شڪايتن جي بروقت ازالي ۽ شهرين کي بهتر پوليسنگ فراهم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 32

خلاف ٻئين ڏينهن به شهري اتحاد اڳواڻ نياز علي ٻرڙو، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور جتوئي، پي ٽي آءِ اڳواڻ محمد ايوب ڪوسو، هاءِ ڪورٽ بار اڳواڻ ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو، مجلس وحدت المسلمين اڳواڻ عبداللطيف ڪانڌڙو، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو، سيٺ اشتياق تنيو، جي ڊي اي اڳواڻ صابر حسين راڏ ،جي ڊي اي ڪائونسلر سيد عبدالفتاح شاهه، زبير سمون، محمد عرس ڪوسو، نبيل پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج جو سلسلو جاري، دعا چونڪ کان گهنٽاگهر چونڪ تائين هٿن ۾ بينر کڻي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي، اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان جا جائز مطالبا آهن، شهرين جو جيئڻ جنجال بڻائڻ نه ڏنو ويندو، ميهڙ واسين جا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو سلسلو مطالبن جي مڃتائن تائين جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 33

عملي سان گڏ معمول جي گشت تي هو ته ٽن شڪي هٿياربندن کي ڏسي کين للڪاريو ويو، جواب ۾ مبينا جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي پوليس پاران جوابي فائرنگ ڪئي وئي. پوليس موجب مقابلي دوران الطاف علي زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو، جنهن وٽان هڪ ريوالور ۽ ٻه گوليون هٿ ڪيون ويون. جڏهن ته سندس مبينا هٿياربند ساٿي رضا رند ۽ دلبر ماڇي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس ٽيمون روانيون ڪيون ويون آهن پوليس موجب مقابلي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جڏهن ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ اهم انڪشافن ۽ ٻين ساٿين بابت ڄاڻ ملڻ جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 34

جتي هنن ديوان فائونڊيشن جي صدر شهباز ڀٽي سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران مستقبل ۾ مفت طبي ڪئمپون لڳائڻ ۽ صحت جي شعبي ۾ گڏيل تعاون بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي اهو طئي ڪيو ويو ته ٻئي تنظيمون باهمي تعاون سان سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ مفت طبي ڪئمپون لڳائينديون ته جيئن ضرورت مند ۽ مستحق ماڻهن کي انهن جي درن تي بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن ملاقات ۾ آڌار فائونڊيشن پاڪستان طرفان ڊاڪٽر پاڪ چند مهيشوري فاروق احمد نيازي سيف الله ۽ ڊاڪٽر ڪيلاش ڪمار موجود هئا ملاقات جي آخر ۾ سماجي خدمت عوامي صحت ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ مستقبل ۾ گڏيل قدم جاري رکڻ جو عزم ڪيو ويو.

نمائندا گهرجن
هرخبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

جنگشاهي گورنمينٽ گرلز مين اردو اسڪول ڪيمپس ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ، فوري فراهمي جو مطالبو

جنگشاهي ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب اسڪول انتظاميا، استادن ۽ نياڻين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

اسڪول ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي، بجلي يا سولر سسٽم جي سهولت موجود نه هجڻ سبب خاص طور تي معصوم نياڻين کي سخت تڪليف پيش اچي رهي آهي

شاگردياڻين لاءِ ڊيسڪون پڻ گهربل تعداد ۾ موجود ناهن. اسڪول جي مختلف ڪلاسن جي دروازن ۽ درين جي مرمت جي پڻ سخت ضرورت آهي

جنگشاهي(رپورٽر) جنگشاهي گورنمينٽ گرلز مين اردو اسڪول ڪيمپس ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ، فوري فراهمي جو مطالبو جنگشاهي: گورنمينٽ گرلز مين اردو اسڪول ڪيمپس جنگشاهي ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب اسڪو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1



سماجي اڳواڻ شهيد سيد جاويد حيدر شاهه جي سالياني 32 هين ورسي 16 سيپٽمبر اربع جي ڏينهن بعد نماز مغربين مرڪزي امام بارگاهه نوابشاهه ۾ منعقد ڪئي پئي وڃي

نوابشاهه (رپورٽ ڪاشف علي رند) شيعا علماء ڪونسل پاڪستان نوابشاهه پاران تحريڪ جعفريا پاڪستان جي اڳوڻي صدر، مذهبي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ شهيد سيد جاويد حيدر شاهه جي سالياني 32 هين ورسي 16 سيپٽمبر اربع جي ڏينهن بعد نماز مغربين مرڪزي امام بارگاهه نوابشاهه ۾ منعقد ڪئي پئي وڃي. ورسيءَ جي اجتماع کي شيعا علماء ڪونسل پاڪستان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سجاول ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي مين گرلس پرائمري اسڪول مان پيئڻ جي پاڻي جي موٽر نامعلوم چور چوري ڪري ويا

اسڪول ۾ چوڪيدار نه هئڻ ڪري هر هفتي اسڪول مان چوري ٿيندي آهي پر رات اسڪول جي دري ٽوڙي موٽر چوري ڪري ويا

معصوم ٻار پاڻي استعمال ڪندا هئا سجاول پوليس چوري ٿيل موٽر واپس نه ڪرائي

اربع جي ڏينهن S.S.P آفيس اڳيان سوين شاگردياڻين سان گڏ احتجاج ڪيو ويندو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي مين گرلس پرائمري اسڪول مان پيئڻ جي پاڻي جي موٽر نامعلوم چور چوري ڪري ويا هيڊ مسٽريس ميڊم فرزانه ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسڪول ۾ چوڪي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سجاول پوليس پاران مبينه مقابلي بعد اشتهاري ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا

سجاول ويجهو سرويچ نگر لنڪ روڊ تي ڌاڙيلن جي موجودگي جي اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪئي

جتي فائرنگ جي ڏي وٺ بعد هڪ اشتهاري ڌاڙيل نظير احمد آمڙو کي زخمي حالت ۾ گرفتار

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول پوليس پاران مبينه مقابلي بعد اشتهاري ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا پوليس مطابق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

جوهي شهر جي وارڊ 3 ۽ 4 نئين ڪالوني جي متاثر رهواسين جو احتجاج

ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي چيئرمين علڻ خان لغاري , سي ايم او زوهيب سولنگي ۽ ٻئي ڪرپٽ عملي خلاف احتجاجي مظاهرو

جاٽايل وارڊن ۽ نئين ڪالوني ڏانهن ويندڙ مک گهٽي ۾ گذريل چئن مهينن کان گندي پاڻي بيهجي وڃڻ سبب رستو مڪمل بند ٿي ويو آهي

اڄ وچ جوهي واحد رستو آهي جتي ان لنگر تي گندي پاڻي جا تلاءُ هئڻ ڪري ڪافي پيرا پيرسن ،ٻارڙا ،نياڻيون ۽ عورتون ان گندي تلاءُ ۾ ڪري پيون آهن

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) جوهي شهر جي وارڊ 3 ۽ 4 نئين ڪالوني جي متاثر رهواسين مظهر رند , گلاب پنهور ,علي شير لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي چيئرمين علڻ خان لغاري , سي ايم او زوهيب سولنگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

منياڻي واسي حافظ ميهر پنهور ۽ ان جي ڌيءَ مسمات آمنت پنهور سنڌ پريس ڪلب منياڻي پهچي احتجاج

منهنجي پائرن منهنجي شادي ڪجھ سال پهريان عبدلغفار ولد پناڻ خان پنهور سان ڪرائي هئي

ان مان مونکي نياڻي جو اولاد پڻ هو جنهن مون کي تلاق ڏئي پنهنجي پسند جي شادي ونجي ڪئي

ان کان پوءِ هن دعوا ڪئي ته منهنجي نياڻي منهنجي حوالي ڪئي ونجي جنهن تي ڪورٽ سڳوري تقريبن 3 سال پهريان ننڍڙي بسم پنهنجي ماءُ حوالي ڪئي

منياڻي (رپورٽ : ميول خان مستوئي) منياڻي لڳ ڳوٺ جمع خان پنهور واسي حافظ ميهر پنهور ۽ ان جي ڌيءَ مسمات آمنت پنهور سنڌ پريس ڪلب منيءِ پهچي صحافين آڏو ڏاهيندي چيو ته منهنجي پائرن منهنجي شادي ڪجھ س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

محمد صديق گندرو کي شاباس ڏيڻ سميت سنڌس بهترين خدمتن جي مڃتا طور ڪيس لونگي جو تحفو پڻ پيش

کهوڙا ٻاري (سيد شاهه خالدذاتاري) سنڌ پوليس ۾ سٺي ۽ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي ايس ايس پي ٺٽو پاران ڪينجهر ڪنيو مياڻ جي رهواسي ون فائيو مڪلي ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ محمد صديق گندرو کي شاباس ڏيڻ سميت سنڌس بهترين خدمتن جي مڃتا طور ڪيس لونگي جو تحفو پڻ پيش ڪيو ويو، جنهن ڪال ڪجھ ڏينهن اڳ جهمپير لڳ ق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

غير مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ خلاف نوجوان بي روزگار اتحاد جو احتجاج

غلام قادر بروهي، ظهير برفت، گلاب لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين سخت نعريبازي

ٺٽي ضلعي جي تعليم يافته ۽ بي روزگار نوجوانن کي روزگار ۾ اوليت ڏئي سنڌن حقن جو تحفظ ڪيو وڃي. اڳواڻ

ضلعي ۾ مختلف منصوبن ۽ ادارن ۾ روزگار جا موقعا موجود هجڻ باوجود مقامي نوجوانن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) غير مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ خلاف نوجوان بي روزگار اتحاد جو احتجاج ٺٽي ضلعي ۾ ونڊ پاور منصوبن. اين جي اوز ۽ سرڪاري کاتن ۾ مقامي نوجوانن کي نظرانداز ڪري غير مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

نوجوانن لاءِ عملي هنر ۽ فني تعليم روزگار سان گڏ خدمتِ انسانيت جا نوان دروازا کولي ٿي: محمد سچل وڏو

بهار فائونڊيشن، APDA ۽ ايس ڪيو الٽراسائونڊ سينٽر جي سهڪار سان الٽراسائونڊ ڪورس جي ڪامياب شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري پروقار تقريب

صحت جي شعبي سان لاڳاپيل مهمانن، ڊاڪٽرن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

صدر شوڪت علي مينگل، جامعه الحسن مدرسي جي مفتي مصعب حسن عباسي ۽ ڪيريئر فائونڊيشن اسڪول جي روح روان پرويز احمد جامڙو شرڪت

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) نوجوانن لاءِ عملي هنر ۽ فني تعليم روزگار سان گڏ خدمتِ انسانيت جا نوان دروازا کولي ٿي: محمد سچل وڏو بهار فائونڊيشن. APDA ۽ ايس ڪيو الٽراسائونڊ سينٽر جي سهڪار سان الٽراسائونڊ ڪورس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

اسلام ڪوٽ لڳ ڳوٺ ملوڪ مهر ۾ جشن عيدميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جوشاندار جلسو

جلسو جماعت اهلسنت غوثياجي اهتمام هيٺ ڳوٺ ملوڪ مهر ۾ جشن عيدميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي بابرڪت محفل عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

جلسي جي صدارت محب مهر ۽ عبدالطيف مهر ڪئي جڏهن ت نظامت جافريض محمد جعمن مهر سرانجام ڏنا

اسلام ڪوٽ (ريورٽ امان الله هنگورجو) اسلام ڪوٽ لڳ ڳوٺ ملوڪ مهر ۾ جشن عيدميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جوشاندار جلسو جماعت اهلسنت غوثياجي اهتمام هيٺ ڳوٺ ملوڪ مهر ۾ جشن عيدميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي بابرڪت محفل عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي جلسي جي صدارت محب مهر ۽ عبدالطيف مهر ڪئي جڏهن ت نظامت جافريض محمد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڊاڪٽرن کي دٻاءَ ۾ آڻڻ جون ڪوششون بند ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج سنڌ ڀر ۾ پکيڙيو ويندو: YDA ور

جيڪڏهن جائز مطالبن تي فوري ڌيان نه ڏنو ويو ۽ مبينا انتظامي مداخلت جو سلسلو جاري رهيو

احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندي سنڌ ڀر ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

گهوڙا ٻاري (سيدشاهه خالدذاتاري) ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (YDA) ٺٽو ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي اپيل تي اڄ ضلعي ٺٽي جي مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، جن ۾ ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

2نوجوان مبينا طور لاپتا، وارثن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

2 نوجوان مبينا طور لاپتا، وارثن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

22 سالا ساگر پنڊ ۽ 24 سالا شاهزمان لغاري کي 3 ڳاڏين ۾ نامعلوم ماڻهن پاران کڻي وڃڻ جو الزام، نوجوانن کي ظاهر ڪرڻ جو مطالبو

جيڪڏهن نوجوانن خلاف ڪو ڪيس داخل ٿيل آهي ته ڪين قانون موجب عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) خداآباد جي ڳوٺ بلاول خان پنڊ ۽ ڳوٺ محمد عرس لغاري جي رهواسين ٻن نوجوانن جي گمشدگي خلاف دادو پري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب21

سي آءِ اي پوليس جي موٽرسائيڪل چورن خلاف ڪارروائي هڪ جوابدار گرفتار

ميرپورخاص پوليس عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتي ڪارروائين لاءِ سرگرم عمل آهي

ذيشان علي لاشاري اي ايس آءِ عبدالسلام انڙ پنهنجي ٽيم سان گڏ ڳجهي اطلاع تي بروقت ڪارروائي

ميرپور خاص(بيوروچيف سومارسميجو) سي آءِ اي پوليس جي موٽرسائيڪل چورن خلاف ڪارروائي هڪ جوابدار گرفتار. هٿيار ۽ چوري ٿيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سونار بازار ۾ مبينا فائرنگ، زخمي سونار وقار ميمڻ فوت

سونار وقار ميمڻ زخمن جا سور نه سهندي سول اسپتال ميرپورخاص ۾ دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو

تاجر برادري جا ماڻهو سول اسپتال پهچي ويا. پوليس پاران واقعي بابت وڌيڪ تفصيل گڏ ڪيا پيا وڃن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) سونار بازار ۾ مبينا فائرنگ، زخمي سونار وقار ميمڻ فوت ميرپورخاص جي سونار بازار ۾ پاڻ مٿان مبين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ذاڪره اهل بيت سيده ارم زهرا نقوي جي پنجين ورسي، مجلسِ عزا منعقد

سيده ارم زهرا نقوي جي پنجين ورسي جي سلسلي ۾ ايصال ثواب لاءِ مجلسِ عزا منعقد ڪئي وئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ذاڪره اهل بيت سيده ارم زهرا نقوي جي پنجين ورسي، مجلسِ عزا منعقد مرڪزي حيدري جامع مسجد ۽ ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سجاول ضلعي جي ساحلي پٽي ۾ پيئڻ جي صاف ۽ مٺي پاڻي جي شديد کوٽ

مولانا نجيب الله ميمڻ ۽ سندس ٽيم پاران مختلف علائقن ۾ ٽينڪين ذريعي صاف ۽ مٺو پاڻي فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري

جنهن کي علائقي واسين پاران ساراهيندي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو ويو

چوهڙجمالي (رپورٽ: شاهد حسيني) سجاول ضلعي جي ساحلي پٽي ۾ پيئڻ جي صاف ۽ مٺي پاڻي جي شديد کوٽ کي نظر ۾ رکندي مدرسه دارال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سي آئي اي ٺٽو طرفان گڏيل ڪاروائي ۾ جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪينجهر وندڙ اندر پنهنجي ڀيٽوئي امداد ولد نور حسين منجري کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو آهي

هڪ جوابدار خدا بخش ولد اسماعيل منجري کي موقعي تي گرفتار ڪري ورتو هو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير ٿاڻي تي 25 ڏينهن اڳ داخل ٿيل قتل ڪيس ۾ فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتارين لاءِ جهمپير پوليس توڙي سي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

اوڏيرولال ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول موليڏنو ميرجت ۾ گذريل هڪ سال استاد مقرر نه ٿي سگهيو

ڳوٺاڻن ۽ شاگردن پاران تعليم کاتي مٽياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسڪول ۾ مقرر استاد کي بنا ڪنهن سبب جي بدلي ڪيو ويو آهي

اوڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ موليڏنو ميرجت جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول موليڏنو ميرجت ۾ گذر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سهراب خان لاشاري طويل علالت بعد ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

منظور حسين وساڻ پنهنجي 45 ورهين جي پراڻي ساٿي ۽ ڊرائيور سهراب خان لاشاري جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

سهراب خان لاشاري جي لاڏاڻي جي خبر ملندي ئي منظور حسين وساڻ سول اسپتال ڪراچي پهچي ويا

ڪوٽڏيجي (رپورٽ سيد محسن علي) ڪنب لاشاري برادري جو نيڪ مرد سهراب خان لاشاري طويل علالت بعد ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

مبينا زيادتي جو شڪار 10 ورهين جي نينگري علاج بعد گهر واپس پهچي وئي

ڏاپيجي سان تعلق رکندڙ مبينا زيادتي جو شڪار

10 ورهين جي معصوم نينگري هڪ مهيني تائين انڊس اسپتال ڪراچي ۾ علاج هيٺ رهڻ بعد ٿي آپريشن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) مبينا زيادتي جو شڪار 10 ورهين جي نينگري علاج بعد گهر واپس پهچي وئي ڏاپيجي سان تعلق رکندڙ مبينا زيادت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان ٻيهر چڪتاڻ هڪ ڌُر جي فائرنگ ۾ 2 ڄڻا زخمي

تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي معمولي تڪرار تان ٻيهر چڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي

هڪ ڌُر جي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 2ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ نظام الدين دائود تارو شامل آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر لڳ تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان ٻيهر چڪتاڻ هڪ ڌَر جي فائرنگ ۾ 2 ڄڻا زخمي ڪينج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

آر ايڇ ايس سينٽر ۾ مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج، ڌرڻو

سياسي، سماجي ۽ سول سوسائٽي اڳواڻن پلي ڪارڊ کڻي سينٽر ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

خانداني منصوبابندي، ماءُ ۽ ٻار جي صحت سميت مختلف سهولتون فراهم ڪندڙ آر ايڇ ايس سينٽر مبينا طور غيرفعال بڻجي ويو آهي

مالي رڪارڊ ۽ تيل جي بلن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڏوڪري(رپورٽر) آر ايڇ ايس سينٽر ۾ مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج، ڌرڻو تفصيل موجب پاپوليشن ويلفيئر کاتي جي آر ايڇ ايس سينٽر ڏوڪري ۾ مبينا ڪرپشن، عملي جي غيرحاضري ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف سياسي، سماج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڀان سيدآباد: پوليس جي زيادتي خلاف واپاري اڳواڻ عبدالستار ميمڻ جو احتجاج، سخت قدم کڻڻ جي چتاءُ

پوليس جي غيرقانوني عملن ۽ زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سندس ٻه سان ڀريل هڪ ٽرڪ وزن ڪرڻ لاءِ ڪانٽي تي بيٺل هئي جتي ڀان پوليس موبائل آئي زبردستي ٽرڪ ڊرائيور سميت ڪانٽي تان ڪاهڻ جي ڪوشش ڪئي

ڊرائيور طرفان اطلاع ملڻ تي جڏهن هو پاڻ موقعي تي پهتو ته ڀان ايس ايڇ او موقف اختيار ڪيو

ڄامشورو (رپورٽر) ڀان سيدآباد: پوليس جي زيادتي خلاف واپاري اڳواڻ عبدالستار ميمڻ جو احتجاج، سخت قدم کڻڻ جي چتاءُ ڀان سيدآباد جو ڪائونسلر نامور واپاري ۽ ڪپڙي توڙي ٻه جو واپاري عبدالستار ميمڻ پوليس جي غيرقانوني عملن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڏيڙان روڊ تي جويريا ميڊيڪل سينٽر تي هڪ روزا فري آف ڪاسٽ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ليڊي ڊاڪٽرياڻين پاران تپاس ڪري الٽراسائونڊ توڙي مختلف ٽيسٽون ڪري مفت ۾ دوائون ڏنيون

مختلف بيمارين ۾ مبتلا عورتن توڙي مرد مريضن لاءِ فري آف ڪاسٽ هڪ روزا ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي آهي

نوابشاهه(رپورٽر) قاضي احمد شهر جي ڏيڙان روڊ تي جويريا ميڊيڪل سينٽر تي هڪ روزا فري آف ڪاسٽ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي. جتي مختل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

اميد سنڌي ۽ اسد آرٽ پروڊڪشن دادو جي سرواڻ اسد ڪورائي جي فني ۽ ادبي خدمتن جي رهاڻ تقريب منعقد

صدارت سنڌ جي نامياري اسڪالر الطاف ملڪاڻي ڪئي، مهمانِ خاص ساس ضلع دادو جي رابطا سيڪريٽري نياز الاهي ابڙو هئا

ڊراما ڊائريڪٽر اصغر چوڌري، استاد حضور بخش گوپانگ، خليل عارف سومرو ۽ رشيد چارڻ شامل هئا

تقريب جي ڪارروائي سيڪريٽري نور ڪنير هلائي، شروعات مزاحمتي شاعر عاشق دادوي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سان ڪئي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه)سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو پاران سنڌ جي ٻن نامور ادبي ۽ فني شخصيتن اميد سنڌي ۽ اسد آرٽ پروڊڪشن دادو جي سرواڻ اسد ڪورائي جي فني ۽ ادبي خدمتن جي رهاڻ تقريب منعقد ڪئي وئي. ص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

ايس يو پي پاران ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ مختيارڪار آفيس آڏو ڌرڻو جاري

ايس يو پي ڪارڪن ممتاز ڪيريو جو جائز ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪيترن ئي مهينن کان پينڊ ڪرايا پيا وڃن

ايس يو پي ڪارڪن ممتاز ڪيريو جو جائز ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪيترن ئي مهينن کان پينڊ ڪرايا پيا وڃن

ڌرڻي جي پهرين ڏينهن ڊي سي سڪرنڊ رميز راجا ۽ مختيارڪار شوڪت حسين ڪين دلاسو ڏنو ته ممتاز ڪيريو جي موٽر سائيڪل به پوليس معرفت ورائي ڏني ويندي

سڪرنڊ (رپورٽر) ايس يو پي پاران ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ مختيارڪار آفيس آڏو ڌرڻو جاري جتي تعلقه صدر ايوب ڪوسو . ٽائون صدر پرويز سومرو . سينيئر اڳواڻ فلڪ شيرازي . مس شمائلا ڪيريو ۽ آبادگار اڳواڻ عبدالقادر جيلاني ڪيلا رام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ شهيد بينظيرآباد پاران ڪليل ڪچهري 17 سيپٽمبر تي ٿيندي

نوابشاهه (رپورٽر)صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر شهيد بينظيرآباد خالد شيخ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪوٽڙي ۾ هڪ اوطاق تي منشيات جي گاڏي خالي ٿيندي ويڊيو وائرل

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي خدا جي بستي ۾ هڪ اوطاق اندر منشيات جي گاڏي خالي ٿيندي ويڊيو وائيُ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سڪرنڊ: ايس يو پي پاران ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ مختيارڪار آفيس آڏو ڌرڻو جاري آهي

ڪوٽڙي ۾ وڌندڙ بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف 17 تاريخ کان مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو اعلان

جان ۽ مال جي تحفظ ۾ ناڪامي خلاف سماجي ۽ سياسي اڳواڻن پاران 17 تاريخ کان مرحليوار احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو

پوليس امن امان قائم ڪرائڻ ۽ ڏوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي : اڳواڻ

شهر ۾ چوريون ۽ ڦرون معمول بڻجي ويون آهن، جنهن سبب شهري سخت خوف ۽ بيچيني ۾ مبتلا آهن

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ وڌندڙ بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف 17 تاريخ کان مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو اعلان، پوليس امن امان قائم ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، اڳواڻن جو الزام وڌندڙ بدامني، چورين، ڦرن ۽ شهرين جي جان ۽ مال /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

فڪرِ شهيد سيد علي خامنه اي سيمينار، مردن ۽ عورتن جي ڀرپور شرڪت

امام حسين جي سيرت ظلم خلاف استقامت، حق گوئي ۽ قرباني جو درس ڏئي ٿي، مقررين

نوجوان نسل کي علم، ڪردار ۽ ديني شعور سان آراسته ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

نوجوان نسل ۾ شعور ۽ مثبت فڪري رجحانن جي واڌاري لاءِ اهڙيون سرگرميون مستقبل ۾ پڻ جاري رکيون وينديون

مٽياري (ڊ. ر) فڪرِ شهيد سيد علي خامنه اي سيمينار، مردن ۽ عورتن جي ڀرپور شرڪت امام حسين جي سيرت ظلم خلاف استقامت، حق گوئي ۽ قرباني جو درس ڏئي ٿي، مقررين: نوجوان نسل کي علم، ڪردار ۽ ديني شعور سان آراسته ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

مٽياري: فڪرِ شهيد سيد علي خامنه اي سيمينار، مردن ۽ عورتن جي ڀرپور شرڪت ڪئي

ايس ايس پي مليرجي صدارت هيٺ ڊيوٽي آفيسرن جو اجلاس

ڪراچي (رپورٽر) ايس ايس پي ملير ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادي جي صدارت ۾ ڊيوٽي آفيسرن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ميهڙ شهر جي صفائي سٿرائي نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج جاري

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ- شهرين کي مٺو ۽ صاف پاڻي فراهم نه ٿيڻ ۽ شهر جي صفائي سٿرائي نه ٿيڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

سانگهڙ: جهول ۾ پوليس مقابلو، گهربل رهزن زخمي حالت ۾ گرفتار

سانگهڙ جي جهول پرسان ٻنا واٽر، ٻوٻي اسٽيشن وٽ پوليس ۽ مبينا رهزنن وچ ۾ مقابلو ٿيو

جنهن دوران روبري، پوليس مقابلن، چوري ۽ نقب زني جي ڪيسن ۾ گهربل الطاف علي ولد علي اڪبر ماڇي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ: جهول ۾ پوليس مقابلو، گهربل رهزن زخمي حالت ۾ گرفتار سانگهڙ جي جهول پرسان ٻنا واٽر، ٻوٻي اسٽيشن وٽ پوليس ۽ مبينا رهزنن وچ ۾ مقابلو ٿيو. جنهن دوران روبري، پوليس مقابلن، چوري ۽ نقب زني جي ڪيسن ۾ گهربل الطاف علي ولد علي اڪبر ماڇي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب SHO جهول محمد ياسر نواز مغل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33



آڌار فائونڊيشن پاڪستان جي وفد پاران ديوائن فائونڊيشن آفيس جو دورو

مستقبل ۾ مفت طبي ڪئمپون لڳائڻ ۽ صحت جي شعبي ۾ گڏيل تعاون بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

سماجي خدمت عوامي صحت ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ مستقبل ۾ گڏيل قدم جاري رکڻ جو عزم ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) آڌار فائونڊيشن پاڪستان جي وفد جو ديوائن فائونڊيشن آفيس جو دورو سڄي سنڌ ۾ مفت طبي ڪئمپون لڳائڻ تي اتفاق ڪراچي: آڌار فائونڊيشن پاڪستان جي مرڪزي وفد جو ديوائن فائونڊيشن آفيس جو دورو ڪيو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34